# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سِه ماهي عِلمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۰، نمبر ۴

۱۹۸۱ع

بسم الله الرحمن الرحيم

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريمؐ جون حديثون
توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن
ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن
صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي
مطابق بي حرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۰]                [نمبر ۴

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

۱۹۸۱ع

•

ايڊيٽوريل ڪميٽي

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سيد شاهه محمد شاهه شاد

ايڊيٽر انچارج

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ.

# مهراڻ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.

مهراڻ 23888/6
هيڊ آفيس 71176
پريس 22764

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو
(پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ)
۽
سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش

قيمت : 00ـ8 رپيا

ساليانو چندو 00ـ30 رپيا

Printed by Ghulam Rabbani A. Agro, Seceretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, Sind, and Published by him from Board's office, Sind University, New Campus Jamshoro.

بسم الله الرحمن الرحيم

# گذارش

## پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس

تازو اسلام آباد ۾ پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس ٿي گذري، اُن جي ڪارگذاريءَ کان ملڪ جا ادبي حلقا خاص طرح سان باخبر آهن. ان قسم جي گڏجاڻين وسيلي، علمي ۽ ادبي نقطهٔ نگاهه کان، ملڪي ترقي ۽ استحڪام لاءِ جي دور رس نتيجا برآمد ٿين ٿا، اُنهن جي اهميت ۽ افاديت ڪنهن تشريح جي محتاج ناهي. اسان کي توقع آهي ته هن ڪانفرنس جو انعقاد پنهنجن مقصدن جي حاصلات جي ڏس ۾ نتيجه خيز ثابت ٿيندو.

ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس ۾ صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق پنهنجي خطاب ۾ ڪيترين ئي اهم ڳالهين بابت گفتگو ڪرڻ فرمائي. قومي ادب جو مقصد، سينسرشپ جو خاتمو، اديبن جا مسئلا، خدمت اسلام لاءِ ادب جو ڪردار ۽ مختلف گروهن جي آويزش ـــ سندس خطاب جا مکيه نقطا هئا، جن جي صدر موصوف جامع انداز سان اپٽار ڪئي. ان سلسلي ۾ سندس خطاب جو هڪ حصو خاص طرح توجهه طلب آهي ۽ اديبن کي سوچ ويچار جي دعوت ٿو ڏئي. جناب صدر فرمايو:

”...مان سمجهان ٿو ته وطن عزيز ۾ انتظامي، اقتصادي ۽ سماجي لحاظ کان بيشڪ حالتون قابو ۾ آهن، ليڪن فڪري ۽ نظرياتي سطح تي آويزش وڌندي پيئي وڃي. ٻن گروهن جون سرگرميون خاص طور تي

توجهه طلب آهن: هڪ آهي جيڪي اسان جي قومي وجود ۾ غيرملڪي نظرين جون بارودي سرنگون وڇائي رهيا آهن، ۽ انهيءَ تاڪ ۾ آهن ته جيئن ئـي حالتون انهن لاءِ سازگار بنجن، ته آهي ڌماڪو ڪري پنهنجي آقائن جو حق، نمڪ ادا ڪن، ۽ ٻيا آهي، جيڪي اسلام جي نالي تي تنگ نظري، تعصب ۽ غير رواداري ڦهلائي رهيا آهن. جي ساٿهو آنهن جي حوالي سان اسلام کي سمجهن ۽ سڃاڻن ٿا، سي اسلام کان بددل ٿيندا پيا وڃن.

”سڀني کي توهان کي درخواست اها آهي ته اسلام جو نالو وٺندڙ ڪو به فرد، گروهه يا جماعت، توهان کي تنگ نظر، متعصب يا تاريڪ انديش نظر اچي ته اسلام کي هرگز تنگ نظر ۽ متعصب نه سمجهو. بلڪ اوهان پاڻ مسلمان آهيو. توهان پاڻ اسلام جي روح ۾ لهي ڏسو ته توهان کي هڪ اهڙو بحر بيڪران نظر ايندو، جنهن ۾ فراخ ئي فراخ آهي، فلاح ئي فلاح آهي، نجات ئي نجات آهي...“

صدر مملڪت جو اهو اظهار ۽ اعلان ڪنهن به تبصري، توضيح يا تعبير جو محتاج ناهي. صدر محترم نهايت بالغ نظريءَ سان ملڪي استحڪام جي حقيقي دشمنن جي نقاب ڪشائي ڪئي آهي. حڪومت جي مشينري ۽ عوام جي باشعور حلقن کي انهن ٻن گروهن تي گهري نگاهه رکڻ گهرجي. پهريون اهڙا عناصر، جيڪي غيرملڪي نظرين جا سبز باغ ڏيکاري، پاڪستان جي نظرياتي بنيادن کي ڪمزور ڪرڻ گهرن ٿا، ۽ ٻيا اهڙا عناصر، جن وٽ ڪفر ۽ الحاد جي فتوائن جاري ڪرڻ جا سانچا سدائين چالو آهن. اهي وطن ۽ قوم دشمن گروهه پنهنجي مڪروهه ذاتي مفاد خاطر سوشلزم ۽ اسلام جي نعرن جي آڙ ۾ پاڪستان جي بنيادن کي کوکلو ڪندا رهيا آهن. انهن ٻنهي گروهن جي تخريبي عزائم کي نگاهه ۾ رکڻو آهي.

صدر موصوف پنهنجي نقطهٔ نگاهه جي وضاحت ڪندي فرمايو:

”...اسان تهذيبي ۽ ادبي لحاظ کان هڪ عظيم ورثي جا مالڪ آهيون. ان ورثي جي اساس رواداري وسيع‌المشربي ۽ علمي ۽ سائنسي تجسس تي آهي. ان عظيم روايت ۾ سعدي ۽ روميءَ کان وٺي علامه اقبال تائين ڪيترائي روشنيءَ جا مينار، پنهنجي تخليقات سميت، اسان جي رهبريءَ لاءِ

موجود آهن. انهن عظيم ليکڪن هميشه پنهنجي قلم کي "جهل ۽ تعصب"، "جمود ۽ تنگ نظري" جي بُتن کي پاش پاش ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي، بلڪ اگر آءٌ ائين چوان ته بيجا نه ٿيندو ته اسان جي اديب انهن منفي سوچن جي خلاف جهاد ڪري اسلام جي سچي خدمت ڪئي آهي. لهٰذا، اگر ڪوئي اسلام پسند فرد يا گروهه انهن شڪسته بُتن کي وري ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ته هو اسلام جي خدمت ڪرڻ بجاءِ اُلٽو اُن کي نقصان ٿو پهچائي...."

## آديسي اُٿي ويا.......

● ۱٦-نومبر ۱۹۸۱ع تي برک ماهر تعليم، علمي ۽ ادبي شخصيت ۽ ممتاز سماجي ڪارڪن محترمه امينه هاليپوٽو جي رحلت جي خبر سنڌ جي تعليمي ۽ علمي حلقن ۾ نهايت ڏک سان ٻڌي ويئي.

مرحومه گورنمينٽ گرلس ڪاليج حيدرآباد جي پرنسيپال هئي ۽ سنڌس شمار ملڪ جي اعليٰ تعليم يافته خواتين ۾ ٿيندو هو ۽ اسلامي تعليمات جو خاص طرح وڏو مطالع حاصل هئس. هوءَ نهايت دينڌار، ملنسار ۽ غريبن جي هڏڏوکي هئي.

اسان سنڌي ادبي بورڊ ۽ اداري مهراڻ جا ڪارڪن هن ڏکوئيندڙ موقعي تي مرحومه جي رفيق حيات ۽ بورڊ جي مربي ۽ محسن عالم دين جناب پروفيسر ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي، ڊئريڪٽر اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ اسلام آباد، سان همدردي ڪريون ٿا.

● ۲٦ ۽ ۲۸-جنوري تي برک سنڌي ڪهاڻيڪار منير سنڌي (ماڻڪ) ۽ نامور شاعر ۽ نقاد حافظ خيرمحمد اوحدي وفات ڪري ويا. ماڻڪ، سنڌي ڪهاڻيءَ کي جيڪو نئون اسلوب ڏنو ۽ ان ۾ جا نواڻ پيدا ڪئي، سنڌ جو جديد ادب ان کي ڪڏهن وساري نه سگهندو. "لڙهندڙ نسل"، "حويليءَ جا راز"، "پاتال ۾ بغاوت" ۽ "ڇهه انام ڪهاڻيون" ادب جا يادگار ڪتاب آهن.

حافظ خيرمحمد اوحدي، پراڻو ادبي خدمتگار هو. ادب، شعر و شاعري ۽ تنقيد سان گڏ صحافت ۽ سياست سان پڻ وابسته رهيو. سنڌس شمار مسلم ليگ

جي مخلص ڪارڪنن ۾ هو ۽ قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ سندس خدمتون قابل فخر آهن.

● ۴-فيبروري ۱۹۸۲ع تي پيرمحمد پياسي ۽ مرزا اڪمل بيگ جي رحلت جون خبرون آيون. پياسي بنيادي طور شاعر هو ۽ سندس ڪافين کي مقبوليت حاصل آهي. پُراڻو لکندڙ هو.

مرزا اڪمل بيگ، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو فرزند هو ۽ سٺو شاعر هو.

اسان پنهنجن مڙني محترم اديبن ۽ عالمن جي وفات تي سندن پوين سان ڏک جو اظهار ڪريون ٿا ۽ رب جي در دعاگو آهيون ته ڪين پنهنجي مغفرت سان نوازي.

## درستي

مهراڻ جي محترم اديب، جناب ڊاڪٽر نوازعلي شوق اطلاع ڏنو آهي ته سندس مضمون "فقير هدايت علي تارڪ جا لکيل ڪتاب" (مهراڻ ۱۹۸۱/۳ع، ص ۱۳۷-۱۴۸) ۾ ص ۱۴۵ تي، ڪتاب نمبر ۲٦ "راز اظهار" جي لکجڻ جو سن درست ڪري ۱۳۴۹ھ/۱۹۳۰ع پڙهڻ گهرجي ۽ ان نسبت سان اهو ڪتاب، ترتيب ۾ هاڻي "جلوس التارڪين" کان اڳ بيهي ٿو.

- نفيس احمد شيخ

# شاعري

هو اڪثر مريد آهه شيطان جو،
لڪن مان ليپي ٿو وفادار ڪو.
متان تون ڪرين ڪنهن تي ڪو اعتبار،
خبردار، هر وقت ٿي هوشيار.
انهي ڪي ته اک آهه، ناهي نظر،
يقين ڪر ته اڪثر گهڻا بي بصر.
محبت ڪرڻ جُرم سمجهن ٿا هو،
تڏهن ئي ته اُلفت لڪيو ڪن ٿا هو.
محبت نٿا ڪن، سي چوري ٿا ڪن،
هو الله کان پڻ لڪيو پيا لڪن.
جي آهي ته بس آهه فرق ايترو،
چوان ڪيترو، صرف تِرَ جيترو.
هو پنهنجي ئي نفسن جا آهن غلام،
بُرائي ٿا پردي ۾ ڪن عام جام.
گلا ڪوڙ رشوت هنن وٽ حلال،
هو بچڙائين ۾ بہ ڪن ٿا ڪمال.
ملي مال تن کي اگر مفت جو،
ته پنهنجي کي هٿ ڪونہ لائن سگهو.
حقيقت ۾ نيت رکن ٿا بُري،
هو ظاهر ته مومن، بغل ۾ ڇُري.
هو شيطان کي هر گهڙي ڪن سلام،
تيو سڀ حلال ۽ محبت حرام.
محبت نہ جنهن ۾، سو انسان ناهه،
هو حيوان کان پڻ گهٽو بدتر آهه.
تون وينو فقط پنهنجو ناتو نباهه، پياري پرينءَ کي نه ڪي دل تان لاهه.
هي جيڪي چيم، سو سڀئي سچ چيم، ذرو ڪوڙ توسان نہ هرگز ڪيم.
چيو ڪانگ، مون تي تون ڪر اعتبار،
ته آهيان سڄا سائين! مان بي ميار.

[ڪوئيٽا، ۱۰- جون ۱۹۶۱ع]

اوهان کي اچي عشق آهي ڪنيو،
طلب تات مرڳو تپائي ٿيو.

زماني ۾ هرڪو ڪري عشق پيو،
ڏسان ٿو هتي آهه ليکوئي پيو.

ڀلا جيئندا قبلا! ادب کان هتي،
چوان ٿو اِنهين عشق آهي ڇٽي.

گهٽائي اسان عشق وارا ڏٺا،
هتي ڳالهه ئي ٻي ڪا آهي ميٺا.

چوان، جي اوهين ڪجهه نه ڪاوڙ ڪريو،
ته هيئن عشق مان ڪي نه ڪنهن کي وريو.

ڪريون ماٺ ٿا جي، ته ڏيو ٿا ڏڙهي،
چئون سچ ته هڪدم وڃو ٿا چڙهي.

ٿيو رنج ٿا، جي ڪٺيو ٿا ڪڇون،
پڇون ٿا ته هڪدم پٽيو ٿا مڇون.

ادب سان ٻڌون ٿا اوهان کان هٽيو،
ته هيڪاري قبلا ٿا ڏاڙهي پٽيو.

اڳي نيٺ ويندا هئو پڻ سڙي،
مگر هاڻ هڪدم ڪريو ٿا ڪڙي.

خوشامد ڪرڻ ۾ ٿا بيحد ڊڄون،
ڀلا ڪئن اوهان سان ڊگها ٿي پڄون.

هٿو ڏک ٿا ڦوٽاري جيڪر اکيون،
مهينن مٿا پيا هٽايون دکيون.

پيا ڏينهن سيکيون، ڏيو ٿا جي ڪٽب،
اسان ۾ سهڻ کان، هڪڙي به ڇٽب.

جو بگڙيو پٺو سڀ ٿا هيٺا ٿيون،
وڃيو در تي "قاسم" جون ٻيڙيون پيون.

رٿون خوب ٻاهر رٿيو ٿا اچون،
پڄون ٿا جي سامهون، وساريو وهون.

ڀلا ڳالهه ڪوڙي ٻيهي ڪيترو،
اثر ٿي رکي ڪونه تير جيترو.

اسان کي فقط شينهن ٿيو ڏا ڇٺو،
وچو ڏا هُتي، پوءِ "رڍ" ٿيو پٺو.

هِتي ڏا ڊيڄاريو، ڪريو ڪو تپاس،
هُتي ڏا هلو پـو اچي ڏو قياس.

هِتي هرڪو مخدوم سائين چوي،
هُتي ڏا ڏسون، پو پتو ڏو پوي.

اچن ڏا جي مالڪ، ڏريو ڏا وهو،
اسان سان نہ ڪيڏي تڪڙ ڏا ڪريو.

اسان کي دنيائي ڏنو ڏو رڳو،
آتي ڏا ڪچو کي نہ کي مورڳو.

آتي ڪَس لڳي ٿي يا آهي ڪَسر،
اوهان جي اندر جي اوهان کي خبر.

اسان کي نہ سُڌ آهي اسرار جي،
خدا کي خبر ٿي گَنگُوءَ گار جي.

سندس سامهون اينهين وچو ڏا مڙي،
شڪاري کان جئن ٿي ڀڄي لومڙي.

رڳو هو ڏو پيرن جو ٺڪو ڪري،
تہ قبلو اتاهين ڏو واپس وري.

جي مالڪ ڪا ڪن ڏا چڙيو مرحبا،
تہ اسان کان بہ پو موڪلايو نتا.

جي ڪوڙو سچو ڪن ڏا ڏيڪر ڏڏو،
اسان کان بہ اڳ ۾ ڀڳا ڏا وچو.

اسان کي ڏا ماريو هَٿن ۾ هٿيو،
۽ دڙڪي تي ڪانگلُ ورايو ڪٿيو.

اسان کي ڇڏيو، پاڻ آهيو سُڄاڻ،
اوهان جا هو ڇاڻ، اوهان ڇاڻو پاڻ.

وٺي جئن کپي، تئن ڪريو پيا سدا،
وسيلا، نہ کڻنداسون، ڇاڻي خدا.

اسين سڀ خوشامد ڪنداسون پيا،
اسان جو ڪڳل اهن ڪائي ڏڏا.

## عطامحمد "حامي"

# نعت

سرور مرسل جي محبت دين ۽ ايمان آ،
ذڪر جنهن جي ذات جو هر درد جو درمان آ.

ڇا چوان الله جي محبوب جو حُسن و جمال،
جنهن جي صورت احسن التقويم جو عُنوان آ.

جنهن جي سيرت جي مٿان سڀ سيرتون صديقي ڪجن،
خُلق جنهن جو خَلق اندر سربسر قرآن آ.

جنهن جي هڪ ادني اشاري سان قمر ٽُڪرا ٿيو،
جنهن جو هرهڪ لفظ ٿيو الله جو فرمان آ.

عبد اهڙو جنهن مٿان معبود صلواتون پڙهي،
ڪٿي چئون سو پاڻ جهڙو جنهن جو ايڏو شان آ.

لاشريڪ آهي ڪيو جنهن کي سڏي پنهنجو شريڪ،
عرش اعظم تي اهو الله جو مهمان آ.

نُور اهڙو جنهن منجهان پيدا ٿيا سارا جهان،
ڪارڻي لولاڪ جي مالڪ جو ڪيڏو شان آ.

ڏيهه کي انسان جي عظمت جو ڏَس جنهن کان مليو،
جابجا جاچي ڏسو اهڙو نہ ٻيو انسان آ.

جنهن تي پڙهندا ٿا رهون پنهنجي نمازن ۾ سلام،
ان جو 'حامي' هر گهڙي هرڪنهن مٿان احسان آ.

## "ٻردو" سنڌي

( ۱ )

روح رُنو ٿيون اکيون آليون توکي ميهر نہ پئي،
ٻردي جي دل سورن ساڙي، پئي آڏامي رئي،
جيئڻ جاڙ تہ ٿيندو پوء، جي هاڻ وِٿي ڪا پئي،
ڪَرٽي پَرٽي آهي جاني، اچا ٻہ ويل نہ وئي،
متان ٿئي ڏِسُ توسان اهڙي، جا تو مولسان ڪئي،
هي جڳ فاني، جوين جواني، ڏينهڙا چار اٿئي،
آءُ تہ گڏجي گهاريون، ماريون ديوُ غمن جو پئي،
اچا ٻہ ويل نہ وئي او پيارا، اچا ٻہ ويل نہ وَئي.

( ۲ )

دردن ماري، دل ويچاري، پورن سان پرپور، نہ ٿيءُ تون دوُر،
نہ مار نماڻا، يار سياڻا،
آجڙيو تو ٻين، من جو گُلشن، مونجهو پن ان، ڪيڙء قهر ڪَلور،
هي گونچ ڪماڻا، يار سياڻا.
تُنهنجي جهاتي، ڏِئي حياتي، ڪاوڙ ڪاتي، وَڍي وِجهي وهلور،
وِڇوڙي هاڻا، يار سياڻا.
'ٻردي' جهڙا اهڙا تَهڙا، سَهندا سور، نہ مُڙندا مُور،
وَتن ويڳاڻا، يار سياڻا.

( ۳ )

ڪنهن کيئن ڇيو، ڪنهن کيئن ڇيو، تُون جوئي آهين، سوئي آهين!
مون ٻہ ٻُڌو جڳ وارن کان، ڪُجهہ غيرن کان، ڪُجهہ يارن کان؛
جو پانيُر پلو هزارن کان، سو نڪتو اوکو خارن کان؛
جڏهن سور مليا مِڪ وارن کان، ٿيو هيار پٿيرو پيارن کان؛
ڪجهہ هاڻہ پينو، ڪجهہ روح رُنو، تنهنجي رمز کي 'ٻردو' کين پُنو!

## عنايت بلوچ

### دربدر

جن غمن جو مان رهگذر آهيان،
يا آداسين سندو شهر آهيان.

مون کان منهنجي پڇو ٿا کهڙي خبر، پاڻ کان پڻ ته بي خبر آهيان.
ساري دنيا ته آهي آرامي، مان اڪيلو ئي دربدر آهيان.
هو به ويو، دل به وئي هلي هُن سان، ڪيڏو مجبور بي ثمر آهيان.
سن وري ڳل ڳرانڙيون پائي، آن 'عنايت' جو منتظر آهيان.

## نواز علي "شوق"

### غزل

بيان ڪيئن ڪجن انتظارن جون ڳالهيون،
پُڇي ڪير؟ ٿو ورهه وارن جون ڳالهيون.

اميدن جي گلشن کي ساڙي ڇڏيو جن، اسان سان نه ڪر تن بهارن جون ڳالهيون.
جنين ساءُ سڪ جو چکائي چريو ڪيو، وڻن ٿيون انهن قرب وارن جون ڳالهيون.
جڏهن تون ڇڏي وئين ته دنيا ڇڏي وئي، سُڻي ڪير اڄ بي سهارن جون ڳالهيون.
خلوص ۽ وفا کي بقا آهه بيشڪ، سدا ياد رهنديون سچارن جون ڳالهيون.
'بچل'، 'مير'، 'محسن'، 'عنايت' ۽ 'رمضان'، نه وسرن ڪڏهن قرب وارن جون ڳالهيون.

## "استاد" بخاري

### وائي

پنن پنن پڇڪيائين:
مون ڇو ننڊ مٺي ڪئي،
اڌ ئي آڌي رات جو، آڪڙيون مهٽيائين.
چنڊا مُنهن تي چوهه مان، پاٿي پلٽيائين،
جاڳان ها جوتون ڪري، تيتر تو تائين،
جاڏي جانيءَ جهوپڙا، تاڏي تاڙيائين،
آخر م 'استاد' سي، مهٽا موڪيائين.

## "آثم" ناڌن شاهي

### غزل

منهنجا ڀُورل، منهنجا ڀاڳَ!
هاڻِ تہ آءُ وَرائي واڳَ!

تنهنجا ٿاڪ سڌن ٿا توکي، ماڻ اچي تون ماڳيا ماڳَ.
تو ريءَ منهنجون راتيون آتيون، تو ٻِن منهنجا ڏينهن ڏُهاڳَ.
منهنجا سپنا تُنهنجون سارون، تُنهنجون تانگهون منهنجي جاڳَ.
منهنجي پڳَّ ٻرين تون آهين، ۽ مان تُنهنجي وِڪَ جي ڊاڳَ.
دم ۾ اهڙو داءُ هٽي وئين، ڀڙرين ۽ سَتّ ڪَتي وئين آڳَ.
'آثم'، جا سي گيت آچارا، سائين! تُنهنجي سُونهن آجهاڳَ.

## احمد خان "مدهوش"

●

دلدار جي ديدار ۾ اسرار ئي اسرار آ،
هن جي اکين ۾ عشق جو اظهار ئي اظهار آ.

سُرمي سندي سينگار ۾ ڪاري ڪجل جي ڌارَ ۾،
رُخسار جلو يدار ۾ جنسار ئي جنسار آ.

سُنهنجي سڄڻ واري اچڻ، واسي ڇڏيو سارو اڱڻ،
وهوا درو ديوار ۾ هُٻڪار ئي هُٻڪار آ.

محبوب اڄ مون سان مليو، مون سان مليو خوش ٿي کليو،
سنسارَ جي درڪار ٻي بيڪار ئي بيڪار آ.

ڇو بر بحر ۾ دربدر ڀٽڪي مرين ٿو بي‌خبر،
جي ٿئي نظر تان دل اندر، ديدار ئي ديدار آ.

بازار ۾ واپار ۾، واپار جي گفتار ۾،
وهنوار ۽ ويچار ۾ دلدار ئي دلدار آ.

مدهوش ٿيو 'مدهوش' آ، ويتر وصالِ يار ۾،
هر ڌار گهارڻ يار کان آزار ئي آزار آ.

## ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

# وائي

سچ کي ڦاٿي ڦوء لڪايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

پنهنجي هٿ سان بُت بنائي، تن جي اڳيان سيس نمايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

ڏسندي پسندي باھ چوڌاري، پتنگ سڏائي، پير نہ پايان؟
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

ٻيجل جڏهين ٻولي وينو، آئون ڪيئن آخر لڙي لنوايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

بحر عميق جي پير ۾ وهندي، آئون غواصنّ ڪٽ وڇايان!
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

دردن جو آئون دارون آهيان، سنجهہ صبح ڇو سور سڏايان.
ڇا لئي اهڙو ڪفر ڪمايان؟

## تاج جويو

# ڇنڊا

( ۱ )

ڪَڪر ڪَڪر جي ڪُنڊ مان ڦاٽي، ڇنڊُ ليئا ڪا جيئن،
تيئن جوانيءَ جي چانڊوڪي، ڦيندي ٽيندي ڪيئن!
ڦيندي ٽيندي ڪيئن، ٻندن ۾؟ جهلڪا ڏيندي سُونهن،
ڇير ٻير ۾ ڇم ڇم ڇم ڇم، ڇُلندي ايندي سُونهن!
من-ڪنول تي آئري ايندي، آشا رنگ-لهر،
جيون-آپ تان ونڙي ويندا، ڪارنهن-روپ ڪکر!

( ۲ )

آئي وينگس-رات وکيري، ڪارا ڪارا وارَ،
پَل ٻہ نہ گذريو، چانڊوڪي جي، ڇيڙي ڇنڊَ ستارَ؛
ڇيڙي ڇنڊ ستارَ، مدر ڌن، جڳ کي جهُومايو،
راتِ سانت جون ڇيريون پاتيون، ٻيچ-ٻينيءَ ڳايو،
آپ-ساگر جي، انت بحر جي، جهاڳ تري آئي،
ويمُ ٻيجائي، وَنُ ٻيجائي، ٻرهہ-ٻري آئي!

## اياز گل

●

تنهنجا ڳوڙهن سان يار! آلا نيڻ،
دل تي ٻڄي لڳن ٿا ڀالا ليڻ.

پيارا ٻرچن روئن، رُمن ٻه روئن،     نينهن وارن جا هن نرالا لڇڻ.
ڪنهن کي چاهن ته پيار اوتين ٿا،     ڪنهن سان آتڪن ته چڻ جڙوالا نيڻ.
ڪن جون آڪڙيون انڌيرا ڪاري رات،     ڪن جا چانڊوڪيون آجالا نيڻ.
توکي سارن، روئن، تڪن راهون،     ڪهڙا ڪهڙا ڪين ڪشالا نيڻ.
آءُ چاهيان ٿو سي چمڻ جيڪي،     سنڌ جي سڪ جا حوالا ليڻ.

## ادل سومرو

### وائي

اوري آءُ من ڀاوني،
چاڃو آهي چانگرو.
نيڻن سان ڀنيا ڀروون،     سنڌوءَ جي چڻ ساوڻي.
چاجو آهي چانگرو.
ڪاڪُل ڪارا ڪنڌ تي،     جن ۾ سونهين ڏاوڻي.
چاجو آهي چانگرو.
مُشڪ ڪتوريءَ واسيل وستي،     چورين جي آ چاوڻي.
چاجو آهي چانگرو.

## نصير مرزا

### ترائيل

پنهنجي شعرن جي سچي ڊائري ڦاڙي ۽ مروڙي ڪاڳر،
دل ته چاهي ٿي، تيلي هڻي ساڙي ڇڏيان؛
سچ آکي ٿو سگهان، ڇو ڀو لڪان آخر،
پنهنجي شعرن جي سچي ڊائري ڦاڙي ۽ مروڙي ڪاڳر.

’ڪوڙ‘ کي ’سچ‘ لکڻ کان ته گهڻو آ بهتر،
هٿ پنهنجا ٻئي ڪراين ونان ڪپي ڇڏيان،
پنهنجي شعرن جي سچي ڊائري ڦاڙي ۽ مروڙي ڪاڳر،
دل ته چاهي ٿي تيلي هڻي ساڙي ڇڏيان.

## نور شاهين

# ڪافي

توڪان ڌار ٿيا ڏاڍا ڏينهن ڏکيا،
سڻ منهنجا لوري تون دل جي ندا.

مان چاهيان ٿي هاڻ مان، مان نہ رهان،
تون تون نہ هجين، رهان تون ٿي مان،
تڪي تـوڪـي ڏـي ٻـاڏـا ڌار ڏسـان،
ٿي هڪ ٿـي عشق ڪي ٻخشون جـِلا.

وڃهان واجهہ ٿي تنهنجي درسڻ ڪاڻ،
توڪان ڌار ٻچيو اٿـم دم ڪـو هـاڻ،
ٻرين! منهنجون سچايـون هـاڻ سڄاڻ،
ڪڻ مون ڏي سڄڻ پنهنجا قـدم سڳها.

وڃيم ساهہ تـو جسمئون دُور ڪهيو،
چو تو سُونهہ ڪي سَٽين وچ ڪو دَم رهيو،
ڏاڍ قـهـر جـو آهـي وقت وهيو،
اهـو عـرض اٿـم متان سمجهين ڪِلا.

ناهي دنيا سـان هڪ دل جـي ذري،
ٻنان تنهنجي ٿـي سمجهان عمر ڪـري،
تنهنجي آهـيـان متان ’شاهين‘ ڇـري،
اڇـي زخـم وڇـوڙي جـا ميٺ مٺا.

## مريم مجيدي

# وائي

هـاءِ! ٻـيـڙا ٻـار،
جهوري جهوري جندڙي.

ڪيکل هيٺي هانو ۾ چٺڪن جهير جرار،
جهوري جهوري جندڙي.
ويچا ويـري وات ۾ تانگهي ڏاڍو آر،
جهوري جهوري جندڙي.
ٻهڻ جهڙا ٻهر ٿيا گذري ڪيئن چمار،
جهوري جهوري جندڙي.
جيون جي هر جهلت ۾ ساجن تنهنجي سار،
جهوري جهوري جندڙي.
اڄ موجن وانگر ملي وڃون مور نہ ٿيون ڌار،
جهوري جهوري جندڙي.

مهر پروين

●

وري يار وارن کي، وارڻ چڏي ڏي!
کري سينڌ سهڻا، سنوارڻ چڏي ڏي:
سنڌي ويس 'شلوار'، 'پهراڻ'، 'ٽوپي'،
مٿان انگ، 'اجرڪ'، وسارڻ چڏي ڏي!
هي مُرڪن جون مارون، هي گهورن جو گهائڻ،
متا 'مهر' کي محب مارڻ چڏي ڏي!
اگهيتي گهڻو مون ستمنو آهه مير تي،
سچڻ هاڻ دل کي، ڏتارڻ چڏي ڏي!
سنڌي لال اکڙيون، ڪنوريون ۽ ڪجليون،
کڻي نيڻ نرمل نهارڻ چڏي ڏي!
پري پنهنجي 'پروين' کان تي پيارا،
وڃي دور دلبر گذارڻ چڏي ڏي!

عاجز آچڻ

## گيت

هاڻ ته موتي آءُ پيارا، هاڻ ته موتي آءُ.
سات ڏيڻ جي ساک ڪئي هو، ڪيئن مٽي وئين ساءُ پيارا،
هاڻ ته موتي آءُ پيارا.
پيار جي بدلي، يار ڏنو تو، سورن جو سوداءُ پيارا،
هاڻ ته موتي آءُ پيارا.
لينهن لشاني، ڏئي ويو جاني، ڳوڙهن جو درياءُ پيارا.
هاڻ ته موتي آءُ پيارا.
نام ڏٺيءَ جي، هاڻ ولهيءَ ڏي، وار وصل جو واءُ پيارا،
هاڻ ته موتي آءُ پيارا.
تو بن ساري 'عاجز' کي تو، کهڙيءَ کهڙيءَ جو گهاءُ پيارا.
هاڻ ته موتي آءُ پيارا، هاڻ ته موتي آءُ.

## نثار بزمي

### ڪافي

يار اچي ٿو اک تي ڦڙڪي،
هرهر منهنجي دل تي ڌڙڪي.

ڏينهن ڏکن جا گذري ويندا، انگ خوشيءَ جا اڀري ويندا،
غم کي ويندي راحت رڙڪي، يار اچي ٿو اک تي ڦڙڪي.
هيرَ ڏکڻ جي دل تي ٺاري، ذاتِ نرالي ٿي ڏيکاري،
ٻپل جو ٻن ٻن اڄ ٿو کڙڪي، يار اچي ٿو اک تي ڦڙڪي.
باغن مان خوشبوءِ اچي ٿي، قدرت ڀائي چيڙر لچي ٿي،
هر طوطو ٿو لام تي لڙڪي، يار اچي ٿو اک تي ڦڙڪي.
منهنجي مَنَ جو مالڪ ايندو، لوڪ اچي واڌايون ڏيندو.
'بزمي' بام نٽئي اڄ ٻڙڪي، يار اچي ٿو اک تي ڦڙڪي.

## "سوز" هالائي

### وائي

لام لٿڏي، نڪو ڀن چٽري، آ مات سڄو ماحول،
تون رُخ ڏسي مُڪ ٻول.
هرڪنهن هٿ گلول اٿيئي، پنڇي ڪنب نہ ڪول،
تون رُخ ڏسي مُڪ ٻول.
چپ چپ آهي 'چاھ ننگر' ۾، چاهت جا چوٻول،
تون رُخ ڏسي مُڪ ٻول.
صدين کان ٿي سُڃا سَڪئا، پنهنجا قاتل جهول،
تون رُخ ڏسي مُڪ ٻول.
ماڳ سڃاڻ وارا ماڻهو، ڳلين منجهہ نہ ڳول،
تون رُخ ڏسي مُڪ ٻول.
ڦرندي گهيرلدي روز رهي ٿي، دنيا آهي ڪول،
تون رُخ ڏسي مُڪ ٻول.

## "غلام" هالائي

### ڪافي

نظر جا ڪٽيو تير جنهن دم آلارين،
لکين وار هڪڙي سان مشتاق مارين.

جتي تو ويهين ات تو ميڙو مچيو پئي،
آئين تو تہ هرڪو قدم تي ڪِريو پئي،
هلين تو تہ سهڻا تو هلندا بهارين.

جڏهن بول بولين مٺا چپڙا چوري،
تہ چٺ هرڪا دل تو ڪئين يارَ ڪوري،
جي مُرڪين تو مٺڙا تہ هيرا تو هارين.

نشيليون نشيليون تون جنهن ڏي ڪئين تو،
انهيءَ دل جو دلبر تون بنجين ڏٺي تو،
ڪرين قيد سا دل تو جنهن ڏي نهارين.

'غلام' آهي تنهنجو نہ تنهن تي ڏمر ڪر،
پرين پيار واري انهيءَ تي نظر ڪر،
جي پرچين تہ پيارا مٺل ڪي جيارين.

## واجد ناز

### وائي

ڏاڍ جي اوچي ديوارن ڪان، اوچو آهي پيار،
دل جي دليا ڏار.

پريت تہ اوچي آهي ايڏي، جيڏي نيڻ لهار،
دل جي دليا ڏار،

زور جبر سان چٺ ڪٽ ديبي، گيتن جي گونجار،
دل جي دليا ڏار.

آ اتهاس جي ورق ورق ۾، پنهنجي پريت پچار،
دل جي دليا ڏار.

## ذوالفقار سيال

### غزل

چاهه پاڳل ڏسو، آهي تڙپي پيو،
تون نہ سمجهي سگهين، مون بہ ڪجهہ نہ چيو.

توکي پل پل دعائون مان ڏيندو رهيس، تنهنجي پاسي جڏهن آدمي ڪو ويو.
منهنجي نيڻن ۾ مون عڪس تنهنجو ڇٽي، پيار توسان تہ ڏس، مون آ ڪيڏو ڪيو.
چاهتن ۾ اوهان جي عبادت ڪندس، ساهہ جيسين اسان وٽ امانت رهيو.

## زيب سنڌي

●

تنهنجي جوڀن تي آهي رَچيلُ،
زيبَ جو هيءُ پهريون غزل.

ياد آئين تون، جڏهن ڏٺم، هٿَ ۾ هٿُ ڪنهنجو ڏِنلُ.
وقت جا ڪانٽا هلندا رهيا، موتي آيو نہ ڪوئي ويلُ.
پيار مون کي پڇائي تہ وڃ، تنهنجي يادن ۾ آهيان پِڌلُ.
نيٺ هو بہ ڍهي ئي ويو، جيڪو واريءَ جو گهر هو ٺهيل.

## سريش

(آزاد نظم)

### هڪ روح جو سڏڪو

عيدون آيون
۽ هلي ويون
بهار آيو
۽،
اهو بہ موڪلائي ويو هليو
هائي
سرءُ آهي،
آءٌ آهيان
۽ اڪين آڏو
هڪ نہ ڪٽندڙ
ڏند آهي—
تون اچي،
ائين هلي وئينءَ،
جيئن سنڌوءَ جو
تيز وهڪرو
صدين کان
پياسي پومي کي
پياسوئي ڇڏي،
هليو ويندو آهي.

پيربخش پياسي

## نظم

رُوح رتو گيت رسيلو، گهائڻ ڏي ورجائڻ ڏي،
چيت چري جو چاهت سان، پاڳل مَنُ پرچائڻ ڏي.

تنهاين ۾ ويٺي آهين، سُندرتا جي راڻي بنجي،
درد دکن جي پوري پت، پنهنجو پاڻ پَسائڻ ڏي.

تنهنجي جي جا جاڳيل جذبا، ڪنهن جي من جا سُندر سپنا،
تن جي ريت پريت جا ساجن، راڳ سان رنگ ملائڻ ڏي.

وار پکيڙي روشن سج جي، ڪرڻن ۾ الجهائڻ ڏي،
ساري فضا ۾ هوا جا جهوتا، خوشبوء سان مهڪائڻ ڏي.

ڪاڳر ڪوري تي جيون جو، نقشو سارو اڌورو آهي،
خيالي خيالي ليڪا تن کي، ناهڻ ڏي نه ڦٽائڻ ڏي.

سات ڪٿي سپ سورن جو، واپس چو ٿي موٽڻ چاهين،
جو پيو تنهنجي من ۾ آهي، تنهن سان اينهن نپائڻ ڏي.

لير اکين مان ڳاڙي پنهنجي، پاڻ ڳلن تان وهائڻ ڏي،
سچ جي اولي اوٽ ۾ ويهي، هر هر سو نه سُڪائڻ ڏي.

ڪر ڪٿي اڄ اوچيون ماڙيون، موجي من منجهه مرڪيون آهن،
جل ٿل جل ٿل بادل بنجي، بَر ۾ مي برسائڻ ڏي.

ڪاري ڪاري رات انڌاري، ساري نور ۾ ڌس آ وهنتل،
تون پي ٽم ٽم ساڻ ستارن، جيون جوت جلائڻ ڏي.

تنهنجي دل جي صحرا ۾ ڪا، وچڙيل ڪونج اچا پئي ڪوڪي،
”پياسي“ تنهنجي پيڙا سان، تن جي تنهه تپائڻ ڏي.

## "منير" سولنگي

●

تنهنجي پيار جـي خوشبو ڀـــارا منهنجي ساهه سيباڻي آ،
تنهنجي ياد جـي ويـرانـن ۾ کـاري رات وهاڻي آ.
داوَ لـڳايا دل جـا هرڪنهن پر نـہ مليو من جو ماڻڪ،
ڀاڳي هن سنسار ۾ ڪنهن ڪنهن من جي مومل ماڻي آ.
چنڊ ڪٿي چانڊاڻ جهڪي ۽ تـارن ڦِڪي ساهه ڏنو،
صحرا ۾ ڪنهن ديواني جـي جيون جـوت اُجهاڻي آ.
رڳ رڳ مان ويراڳ وسايو، چارڻ ٻڌجي صبح ۽ شام،
اڄ بـہ 'منير' جي هستيءَ سور سوا ڪا تند نـہ تاڻي آ.

## ا. ح. جئسنگهاڻي "سام"

●

بي رخي ۽ بي وفائي حسن جي فطرت ۾ آ،
جان نثاريءَ جي تمنا عشق جي طينت ۾ آ.

پل سڪائج ۽ پنائج، رڄ ۾ بيشڪ رلائج،
بحر ليڪن بيڪران هڪ پياس جي شدت ۾ آ.

ڪـوثر آ لعم البدل منهنجي شراب-شوق جو،
جُز فقط هن غم سندي ان خلد جي شربت ۾ آ.

شوق سان اي، بي وفا! مون کي متائج غم ڏئي،
اصل جيئڻ جو مزو هن موت جي لذت ۾ آ.

هي ستم پڻ هڪ ثبوت آ يار جي رغبت سندو،
بي نشالي خلق جي خواري ۽ هن ذات ۾ آ.

دل سندم ۾ پياس شل ان جي سدا وڌندي رهي،
فڪر هــي فائق هميشه وصل ۽ فـرقت ۾ آ.

شمع کي سوڙهين جلائڻ ۽ جلڻ پرواني کي،
محفل-الفت جي رنگت 'سام' هن شرڪت ۾ آ.

## مختيار گهمرو

محبت سچ مچائي ڇڏجي،
گيت وطن جو ڳائي ڇڏجي.
ڏاڍي اڏو ڪنڌ جهڪائڻ، تنهن کان ڪنڌ ڪپائي ڇڏجي.
پنهنجو پنهنجي ديس جو ويري، تنهن کان سيس وڍائي ڇڏجي.
اونداهيءَ کي مات ڪرڻ لئي، جذبن جوت جلائي ڇڏجي.
منهنجا سانگي ساهه سيباڻا، تن کي ڪيئن ڀلائي ڇڏجي.
لڙڪن لار آ مارن مک تي، تن کي ڪيئن لڪائي ڇڏجي.
آهه حياتي وهه جو پيالو، زهر ۾ کنڊ ملائي ڇڏجي.

## لقمان "حڪيم"

### ڪافي

عمر هونديون منهنجون پرين ۾ پچارون،
ڏيندو ڏيهه هوندو مارن کي ميارون.
سينو سيج سازي، لڳن وهڻ وهاڻا،
ماڙين تي نه متيان، مٺڙا اباڻا،
وطن ڏي واجهايان، اڇن اوچگارون.
ڪتا، ڪرڙ خاصا پٽن تي پکاري،
اسان سب سهيليون خوشيءَ ۾ گذاري،
پٽايون اهه هرگز ڪڏهن مير مارون.
عمرڪوٽ تائين قضا آهه آندو،
ڀنوارن پسڻ لئي سدا ساهه ساندو،
اتم آس پڄندو هي پرور پڪارون.
ملي ڏت ڏهاڙي سڄي سال ڪائي،
ڏٿيءَ جا پيا احسان ڳايون سدائي،
پنير آهه پنهنجي ٿيو دردن جو دارون.
هميشه 'حڪيم' آ اها جيءَ ۾ جهوري،
پڄي بندخانو ٿيوي ڏيهه ڏوري،
اها آهه آڻ تڻ ڪڏهن ملندا مارون.

## نظام الدين "زائر"

### وائي

ڏيرو ويا اڄ آسري،
سون ڪي رهي بيخبري.

ننڊ نياڪيءَ مون کي نهوڙيو، هوت هِتان ويو نڪري،
سون ڪي رهي بيخبري.

پيار پنهون جي ڪان گهٽ آهن، ماڪي منائي مصري،
سون ڪي رهي بيخبري.

منڊ وري موٽي آ ملڻ جي، ڪانهه نوان ويا نسري،
سون ڪي رهي بيخبري.

منهنجي پنهل ري هڪڙي ساعت، ڪين مڪي ڪا گذري،
سون ڪي رهي بيخبري.

آريءَ جام جي دل تان 'زائر'، شال وڃان نه وسري،
سون ڪي رهي بيخبري.

## عزيزالله "عزيز" بروهي

### قطعا

( ١ )

دل جون ڳالهيون زبان تي آهن،
راز دل جا رکون ڳجها ڪهڙا،
ولڊجي پاڻ ۾ ويا آهيون،
هاڻ آهن رهيا سنڌا ڪهڙا.

( ٢ )

ويس ساوا وڌن ڍڪيا آهن،
سبز پرين جا سلسلا آهن،
رقص ۾ هي جهان سارو آ،
چڻ تہ دلين ۾ زلزلا آهن.

( ٣ )

پاڻي چمڪي ٿو چاندني بڻجي،
سونهن ڌرتيءَ ڪٿي ڪيڏي آهي،
چا ڏسي چا 'عزيز' اڄ ڏسجي،
ڪيڏي رحمت خدا جي ٿي آهي.

## محمد حسن "بيوس" بازيدپوري

### غزل

سڄڻ کي سرس ٿا سونهن، سيئي سينگار سانوڻ ۾،
ڪرايو دلربا دلدار کي ديدار سانوڻ ۾.

ڪڪر ڪارا ڏسي ڪاڪلَ، پڇون ٿا ياد ڀرين جا،
وڻيل، ويڙهيل، ونگيل سهڻا سڄڻ جا وار سانوڻ ۾.

ڳجي گجگوڙ بادل مان، وسَن ٿيون خوب برساتيون،
اکيون آهن عجيبن ريءَ، اجا ٽمٽار سانوڻ ۾.

گذاري سال سانوڻ، پوءِ به آيو سال ۾ مون وٽ،
سڄڻ صدقي ٿيانءِ سئو وارَ، اچُ هڪ وار سانوڻ ۾.

مٺي محبوب مُرڪي هئن چيو هن سال ملنداسين،
جڏهن آپ ۾ عيان ڏيندا کي ڪارونڀار سانوڻ ۾.

چيو جوڳيءَ هٿي ڏارو، تہ 'بيوس' بخت ٿئي بالا،
ڪندو مولا اوهان جا يارَ، ٻيڙا پار سانوڻ ۾.

## مخمور ميرانپوري

### وائي

راتيون متائي روپ ويون، پر ڏينهن ڪسي ويا ڏات،
الوميان! ڏينهن ڪسي ويا ڏات.

آشائن جون سڀ شهزاديون، هاءِ مري ٿيون مات.
يادن گهيريو من آڱند کي، ساعت ٿي سڪرات.
هيڪل وياڪل سن ويڳاڻو، چوڏس چپ چپات.
وَر وَر ڏيٺي وَڏ وجهي ٿي، تو بن تنهنجي تات.
گونگو ٻوڙو شهر سمورو، ڪوئہ مٺي ڪو بات.
تن جي تارن راڻو چيڙيو، جاڳي پيا جذبات.

## اکبر سومرو

### هائيڪا

●

هيڪل - ويـاڪل،
ماڻهن جي هن ميڙ ۾ -
منهنجو من ٻـاڳل.

●

وَڄُ وري ۽ ٻول،
او سُريلي تنه،
دل جا ٽالڪا ڪول.

●

منهنجي دل ۾ گهاءُ،
هرشيءِ ۾ حياتي،
چالبوڪيءَ ڦهلاءُ.

●

چانديءَ تارون،
چوڏهينءَ جو چنڊ،
سنڌوءَ جون لارون -

●

ڪيڏو آهين دُورا؟
هاڻ تہ اچ سائين،
سونهہ جهليو ٻـُور -

●

رت جـي لاَم،
ڏينهن جا ٻويان ٻـساهہ،
ويڳاڻي ڪا شام.

●

منهنجو مـَن آداس،
اونداهيءَ جا اولڙا،
ڪاري رات آماس -

●

جهونو سُڪل ٻڙ،
چرڪي ٻيس اوچتو!
چٻري جي رڙ -

## "ناظم" منگي

### ڪافي

دل دل تي جڏهن واپار سچڻ ڪجهہ مان تو ڪيان ڪجهہ تون ٻہ تہ ڪر،
الفت جـو سڏي اقـرار سچڻ ڪجهہ مان تو ڪيان ڪجهہ تون ٻہ تہ ڪر.

گـذري ڪـي دوباره يـاد نـہ ڪر، هڪ توکي خبر ٻي مون کي خبر،
نئين راهہ وفـا هـمـوار سچڻ ڪجهہ مان تو ڪيان ڪجهہ تون ٻہ تہ ڪر.

اچ سـور سـلـيـون ۽ روح رلـيـون، اوڻـايـون اگهڻيون ويندون هليون،
هن پيار کي سمجهي پيار سچڻ ڪجهہ مان تو ڪيان ڪجهہ تون ٻہ تہ ڪر.

اي "نـاظـم" نيـنـهـن نـيـائـي وچ، اچ ٻگڙيـل پـاڳـ ٻـڻـائـي وڃ،
الـفـت ۾ سڏو وهنوار سچڻ، ڪجهہ مان تو ڪيان ڪجهہ تون ٻہ تہ ڪر.

## گل حسن گوپانگ ”شاد“

### گيت

چور چمن ڪي چور او ساٿي... حال اندر جو اور،
ڏيهه ڏکن جو ڏور او ساٿي... حال اندر جو اور.
تو وٽ پيار جي پياس نه هوندي،
طلب تڪيري تاس نه هوندي،
آس نه هوندي ياس نه هوندي،
تو کا باسي باس نه هوندي،
ڏور قصي ڪي تور او ساٿي... حال اندر جو اور.

تنهنجي دل ۾ گهاءَ نه هوندا،
دردن جا ڪي داءَ نه هوندا،
پاڇا ۽ پڙلاءَ نه هوندا،
سپنا ۽ سوداءَ نه هوندا،
سور جا سگڙا سور او ساٿي... حال اندر جو اور.

چوٽ چڙهي ۾ لهندو هوندين،
بيٺي بيٺي ڍهندو هوندين،
دنيا جا ڏک سهندو هوندين،
ڪين رئڻ کان رهندو هوندين،
آهي زمانو زور او ساٿي... حال اندر جو اور.

’شاد‘ نه قرب ڪمايا هوندا،
ناتا نينهن نڀايا هوندا،
پلپل پور پچايا هوندا،
هُن وٽ سور سوايا هوندا،
هُن جي وفا تڪ تور او ساٿي... حال اندر جو اور.

## "سقراط" سيتائي

### غزل

هي محبت وري رهي نہ رهي،
دل تہ آهي چري رهي نہ رهي.

جي ٻڌائڻ وِهان ڪتا دل جي، زندگيءَ جي ذري رهي نہ رهي.
راهہ ٻہ‌زار تي ٻئي مون کان، ساڻ ۽ رهبري رهي نہ رهي.
جي زمانو ڇڏي ڏکاري ٿيو، تنهنجي پي دلبري رهي نہ رهي.
جو مسافر ڇڏيو وساري تو، ماڳ تي سو وري رهي نہ رهي.
جو جئي تو فراق ۾ سوئي، نيٺ ويندو مري رهي نہ رهي.
جسم شايد هتي ۾ تنهنجي هُجي، روح آهي ٻري رهي نہ رهي.
تو تہ سمجهي تمام هلڪي هُئي، آهي الفت ڳري رهي نہ رهي.

زهر 'سقراط' پي ويو جڏهين،
پوءِ سندس شاعري رهي نہ رهي.

## "عاشق" هالائي

### وائي

نظرن ساڻ نهوڙي هليو وئين،
يار سڄڻ تون.

پيارل پهرين پيار ڏئي پوءِ، مُنهڙو اسان کان موڙي هليو وئين،
يار سڄڻ تون.

ٻيڙيءَ چاڙهي قرهو ڪيئي وئين، تار تکيءَ ۾ ٻوڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.

سورن جهڙا پُور سليا سين، وهمن منجهہ وکوڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.

قُرب جا قيدي سوڳها سلهاڙيل، چونہ انهن کي ڇوڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.

'عاشق' پنهنجي ساڻ چيو الاجي، نينهن جا ناتا توڙي هليو وئين.
يار سڄڻ تون.

## عرفان مهدي

### غزل

مون ڀيچ ڀرينءَ سان پاتو آ،
ٻَرَ لوڪَ نہ تنهن کي ڄاتو آ.

ساڄن سائين تُنهنجي ڪارڻ، منهنجو مَنُ تيو آتو آ.
تُنهنجي هرهڪ ناز ادا کي، چشمن تي مون چاتو آ.
پيار جي ڪُومل جذبن کي ڇا؟ تو ٻہ اڃان نہ سُڃاتو آ.
شيشي کان ڀي نازڪ نازڪ، ليڪن سَنيهَن جو ناتو آ.
تو ٻِن سالولَ ايئن پاسي ڇڏ، جيئون ڪو پاراتو آ.
هجر هرهڪ رات سمان، مون رات ٻہ راتو ڳاتو آ.

## ”اسير“ ملاح

●

محبتي محفل منجهان مي، رازدان ويندا ڏنم،
مهربان ويندا ڏنم نا مهربان ويندا ڏنم.

پيار جي برسات مان ٿي، ڪا ڪٿي گوهر ٽڻي،
پيا پلڪ جي لال موتي، جانِ جان ويندا ڏنم.

مون ڪڏهن اهڙا نہ هرگز، ناخدا ڪاٿي ڀڏا،
دل جي ڪشتي سير چاڙهي، ڪارستان ويندا ڏنم.

پيار جا شمس و قمر، گم ٿي ويا تارا ڪتيون،
چانڊوڪ جن جي هئي مٿان مي، آسمان ويندا ڏنم.

هو قول لُڙڪن جا نڇاور، ياد جي تربت مٿان،
پيار ڀاڻي ڏئي ٻرين مون، باغبان ويندا ڏنم.

# ڪهاڻيون

ڪڻڻ لڳو. جلدئي اڇي نازل جي گهر وٽ پهتو. نازل اڃا جاڳي رهي هئي. آندل جي آواز تي در کوليائين، آندل ديوانگيءَ جي حالت ۾ سڄو مٽيءَ ۾ پريل ۽ هٿ ماءُ جي دل جي رت سان رڱيل. جڏهن اندر آيو ته نازل ڏڪي ويئي ۽ چوڻ لڳي آندل هي ڇا؟ نازل هيءَ پنهنجي مٺي ماءُ جي دل آهي جنهن جي تو گهُر ڪئي. نازل چيو سچ ٿو چوين! اڙي ڪمينا ڪاميائي، هي تو ڇا ڪيو مون ته تو سان رونشو ئي ڪيو. هائي نڪر منهنجي گهران، نڪر نڪر! اڄ تو پنهنجي مادر مهربان کي ڪٺو آهي سڀاڻي مون سان به اهو حال ڪندين. لعنت هجي توکي ۽ تنهنجي پيار کي. نڪري وڃ هتان چيريندڙ ڦاڙيندڙ مرون. آندل ويرم ئي ڪانه ڪئي الهيءَ ساڳي ڪاتيءَ سان جنهن سان ماءُ جو ڪوس ڪيو هئائين، نازل کي به نرڳ جو نشانو بنايائين. نازل دانهون ڪري آپ تي ڦاڙيو: خون ڙي خون! پر جيستائين پاڙيوارا پهچن ئي پهچن تيستين آندل اهائي ڪاتي پنهنجي سيني ۾ کهونپي پنهنجو ڪم به پورو ڪري ڇڏيو ۽ ڪاتي پنهنجي سيني ۾ هڻندي اهي لفظ چيائين ته ”مان دنيا ۾ رهڻ جي لائق نه آهيان. هيءُ ڪارو منهن ڪنهن کي ڏيکاريندس، جيئڻ کان هائي مرڻ ڀلو آهي.“ ائين چئي پٽ تي ڪري پيو ۽ ”امان امان“ ڪندي ڦٿڪي ساهه ڏنائين. نفساني جذبات جو اهڙو ئي حشر ۽ اهڙو ئي انجام ٿيندو آهي.



هن کي گاري جي خوشبو ائين لڳي ڄڻ آئي ڪان پوءِ جو سڳند. هو وڏا ساهه کڻڻ لڳو ۽ جاءِ ۾ ڦيريون پائڻ لڳو. هن کي خبر هئي ته جاءِ جي مرمت هلي پئي ۽ رازا مزور مانيءَ تي لٿا آهن، تنهنڪري هو آرام سان وراندي جي ٿُلهِ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. هو ٻالپڻ جي زماني کي ياد ڪرڻ لڳو، هن کي ٿڌيون ڪوسيون ياد آيون، ڏکين ڏينهن جو ڏيل ٻه سامهون هيس ته آهي سکيا ڏينهن ٻه ياد آيا، جڏهن گهر ۾ تاهري پچندي هئي ۽ هو اِنهيءَ ٿُلهِ کي ٽيڪ ڏئي ڪائيندو رهيو ۽ پوءِ اڱڻ ۾ ڪنچن سان کيڏندو هو. هُنَ اڱڻ ڏانهن نگاهه ڪئي ۽ ٽپ ڏئي آنهيءَ هنڌ پهتو جت سندس پراڻي گيد نڪتل هئي. هُن هڪ ڪنچو آن لٽيل گيد تي رکيو ۽ پير جي ڪُڙيءَ سان ڪنچي کي دٻائين ۽ پوءِ ڦيري پائي وڏيڪ زور ڏنائين. ڪنچو ڪافي اندر هليو ويو هو. هُن ويهي ڪنچو گيد مان ڪڍيو، اڱر سان گيد صاف ڪيائين ۽ نئڙي گيد کي ڦوڪون ڏيڻ لڳو. هُنَ کي آن صاف گيد تي پيار اچڻ لڳو ۽ هُن وڏيڪ نئڙي گيد کي چميو. هن کي هڪ دفعو وري ڪوري ميٽيءَ جي خوشبو آئي ۽ ڪا گهڙي آها خوشبو سُنگهندو رهيو. پوءِ آئي ڪنچن کي چميائين ۽ راند کي لڳي ويو. 'هڪ ڏڪ، ٻه ڏڪ، چار ڏڪ'. هو نشانو چٽيندو ڪنچن کي ڪٽيندو رهيو. کيس خبر ٻه نه رهي ته ڪير اچي مٿان بيٺو آهي. وات جي چاٻي تي ڪنڌ کنيائين، ڏٺائين ته اوستو رسول بخش هڪ هٿ ۾ ڪوهر، ٻئي هٿ ۾ تيشي، وات هليس پيو، پر سندس نگاهه گلوءَ ۾ هئي. اوستي ڪوهرن واري بند مٿ سان گلوءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ پڇيائينس "هاڻي پٺهين ڪيئن آهي گلو!"

"ڪجهه ٺيڪ آهي." گلو بي ڌيانيءَ ۾ جواب ڏنس، جو سندس نظر آنهيءَ ڇٽن واري بند مٿ تي هئي. اوچتو چاٻيا ڏيندو وچي وراندي ۾ بيٺو ۽ گلو سندس چاٻن ۽ بند مٿ کي تڪيندو رهجي ويو. کيس هاڻ وري بک تپايو هو. هو آهستي سريو، ٽپڙي کٽي گهٽيءَ ۾ اچي بيٺو.

سامهون ڪنڌ تي مولو ڪُهرن واري کي ڏٺائين، جو ڪُهرن جو ٿالهه هنج ۾ رکيو ويٺو هو. گلوءَ کي ڏٺائين ته کيس هوڪو ياد آيو:

"هل، تازا ڪوهر، گرما گرم—"

۽ پوءِ اڌ ۾ ماٺ اچي ويس، ائين ڄڻ چاٻي کپي ويئي هجيس. گلو خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي، رڙهندو مولوءَ جي پر ۾ آيو:

"مولو يارا! ڏاڍي بُک لڳي آ."

"ته پوءِ مان ڇا ڪيان؟ تازا ڪوهر، گرما گرم ڪوهر!" مولو هوڪي کي وڃايو.
"يار ٻاڙي جا آهيون، ڪجهه ته قياس ڪر."
"اڙي اڳيئي رهئي جي اوڌر اٿئي، اڃا ٻه اوڌر! مون وٽ اوڌر ڪانهي. ڏوڪڙ کڻ ڏوڪڙ."

جي تياريءَ ۾ ڪاغذن جي مٿان پين رکي، ٽٽل سلسلن کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، اوچتو هٿن ۾ حرڪت اچي وڃيس ٿي.

... ... ...

هو دروازي مان داخل ٿيو. هڪ هڪ ڪلارڪ سان هٿ ملائڻ بعد مون سان خالي هٿ ملائي خاموشيءَ سان وڃي ڊگهي جنگهن واري ڪرسي سنڀاليائين. هن جي سامهون هڪ پراڻي ٽائيپ رائيٽر رکيل هئي؛ جنهن جي پر ۾ ڪاغذ ٽائيپ ڪرڻ واسطي رکيا هئا. ان ڏينهن هو ڪنهن ڪلارڪ سان ڳالهائڻ بنا ٽائپ رائيٽر ۾ ڪاغذ وجهي ٽائيپ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو.

هُو ۽ مان هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندا آهيون. فرق رڳو ايترو آهي ته هو ورڪ چارج ٽائيپسٽ آهي ۽ مان ريگيولر ڪلارڪ. باقي بار ٻنهي تي ساڳيا آهن. ساڳيون ئي پريشانيون، ساڳيون ئي مصيبتون، ٻئي قرضن ۾ وڪوڙيل. خوشيون پاڻ کان ڪوهين ڏور. منهنجي وجود مٿان ٽن زندگين جو بار آهي ۽ هو اٺن ڄاڻين جي زندگيءَ جو گاڏو اڪيلي سر گهلي رهيو آهي. باقي منهنجي ڪپڙن ۽ هن جي ڪپڙن ۾ ايترو ئي فرق آهي، جيترو هن جي پگهار ۽ منهنجي پگهار جي وچ ۾. مان هن کان ڇالهه روپيه مٿي ڪٽندو آهيان ۽ هي منهنجي مقابلي ۾ وري ڪپڙا اوترائي سادا پائيندو آهي؛ جيترا مون کان پيسا گهٽ ڪٽندو آهي. هن جي ڪپڙن مان ائين لڳندو آهي؛ ڄڻ هو ٽائيپسٽ نه، پر مليريا کاتي جو پٽيوالو هجي. حد کان وڌيڪ سادگي پسند شايد ان لاءِ ٿي پيو آهي جو هن جي ٿوري پگهار تي هن جي گهڻن ڄاڻين کي زنده رهڻو ٿو پوي. هن جي ’عاليشان‘ زندگي گهارڻ تي، هن جي سامهون وهندڙ ٻه ڪلارڪ پاڻ ۾ اڪثر سرٻات ڪندا آهن، ۽ هو انهن جي اکين ۽ چهرن کي پڙهي، وڏي ڳالهه ته سڀڪجهه ڄاڻيندي به لنوائي ڇڏيندو آهي.

هو جڏهن نئون نئون اپائيٽ ٿي آيو هو، تڏهن هن جي سُٺن ڪپڙن جو ڏاڪو گهڻن تي ڄمي ويو هو. خاص ڪري هن جي سامهون ويهندڙ ٻئي ڪلارڪ ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيا هئا— ۽ تڏهن هو مون کي ڏاڍو خوددار نظر آيو هو. پوءِ هڪ ڏينهن مون کي پاڻ ئي ٻڌايو هئائين ته اهي ڪپڙا هو ڪلارڪن تي رعب وجهڻ خاطر هڪ دوست کان وٺي آيو هو!

انهن ڪپڙن واپس ڪرڻ کان اڳ هن ۾ جيڪا مون کي خودداري نظر آئي هئي، سا پوءِ انهن سٺن ڪپڙن جيان هن وٽان هميشه لاءِ دور هلي وئي هئي. هن کي، هن جي مسڪين حال تي، هن جي سامهون ويهندڙ ٻئي ڪلارڪ ٺٺولين سان سنگسار ڪندا آهن ۽ هو ان لاءِ ڪجهه نه ڪڇندو آهي، جو کيس لڳندو آهي، اهي ٻئي پنهنجو پاڻ تي ٺٺوليون ڪندا آهن. ايندڙ دور ۾ پنهنجو پاڻ کي ننگو ڪرڻ لاءِ هن جي غريبيءَ کي اگهاڙيندا آهن.

هو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي، ته جيئن هيڊ هن منجهان راضي ٿي وڃي. پر اسان جو هيڊ ڪلارڪ احسانن کان خالي، ڄڻ ته بيجان پٿر آهي. ڪيڏو به ڪم ڇونه ڪيو وڃي،

لڳو لڳو اچي. ٽڙ ٽڪڙ ۾ ڀنا ڪٽي هڪ هنڌ ڪٺا ڪري، انهن مٿان پيپرويٽ رکي ٿو. 'هاڻي ڪيڏي نہ پريشان هوندي سڪينا؟ مان ڏاڍو سنگدل آهيان. گهر ويس تہ هن سان سنئين منهن ڳالهايم بہ ڪونہ: هن ڪان اهو بہ نہ پڇيم تہ ماني بہ کاڌي اٿئي يا نہ؟ اوهہ! مان ڪيڏو نہ ڪريل شخص آهيان. اصل ڪمينو، واهيات. مون جهڙو ذليل مرد دنيا جي تختي نہ هوندو.' هو پنهنجو پاڻ کي هن جو ڏوهي محسوس ٿو ڪري. 'ڪيڏو تہ بخار هيس، باهہ ٿي ٻري. نہ آئت ڏني مانس نڪو همدرديءَ جو اظهار ڪيو مانس، ۽ وينس واهيات ڪهاڻي لکڻ: اجايو، بي مقصد' پڇتاءَ جو شديد احساس.

پاهريون در بند ڪرڻ لڳي ٿو. سڪينا ڪان پري رهڻ جو ڏاڍو افسوس ٿيڻ ٿو لڳيس. در بند ڪري ٿڙيل قدمن سان هلڻ لڳي ٿو. 'مان انسان نہ آهيان، پٿر آهيان.' هينيون چپ ڏندن ۾ ڏئي ٿو. 'سڪينا جنهن دور مان گذري رهي آهي: شايد ئي بچي، ۽ مان هن سان گڏ رهڻ بدران هن ڪان ڀيو دور پڃان. اج تہ اصل حد ئي ڪري ڇڏيم.' محسوس ٿو ڪري جڻ تہ سڪينا هن جي پهچڻ ڪان اڳ مري چڪي هوندي، اکين ۾ ڳوڙها پرجي وڃنس ٿا. هينيون چپ ڏندن ۾ اچي ڦاٽي ٿو پئيس. کيس سڪينا ڪان دوري اختيار ڪرائيندڙ فقط اها ائين لکيل ڪهاڻي ئي لڳيس ٿي. کيسي ۾ رکيل پنن ڏانهن ڏسي ٿو. اونده سبب ڪجهہ لڳو نٿو اچيس. ڪاوڙ ۾ کيسي ۾ هٿ وجهي پنا ڪيڍي ٿو، ۽ پوءِ ساڳي ئي ڪاوڙ ۾ پنن کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو ڇڏي. هو پنهنجي ۽ سڪينا جي وچ ۾ حائل ٿيندڙ اڌوري ڪهاڻي ڦاڙڻ بعد دل تان ڪجهہ بار هلڪو محسوس ٿو ڪري.

هاڻي هو اطمينان سان ڪجهہ وکون اڳتي کڻي ٿو، ۽ پوءِ حواس گم ٿيل ماڻهو جيان پوئتي موٽي ساڳي جاءِ تي اچي ٿو. گهڻن ڏينهن ڪان پوءِ جي لکيل ڪهاڻيءَ جا ڦاٽل پنا، هوا جي زور تي آڏامڻ لڳن ٿا. ۽ هو اونده ۾ پنن مٿان هٿوراڙيون ڏيندو رهجي ٿو وڃي: ڇو تہ جوٽس جو ڏنل ڏهين جو نوٽ بہ، انهن پنن سان گڏ ڦاٽي ويو اٿس.



هينئر ڪجهہ لمحا پهرين، جڏهن مان آفيس مان جلدي گهر موٽندي پريان عطامحمد کي ايندي ڏٺو ۽ لنوائي جلدي گهر اچي در بند ڪري ڇير مان ڏٺم. عطامحمد گهرن وٽ اچي بيهي رهيو، تـاڪ سجهند هئي. ڪوبہ موجود نہ، عطامحمد پهرين منهنجي گهر ڏانهن ڏسي، نظام جي گهر ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ هلڪڙي سيٽي وڄايائين، ان مهل ئي ڪڙڪي کلڻ جو آواز ٿيو. مون سمجهيو هوءَ در کوليندي، مرڪي ٻاهر نڪري عطا کي ڏسندي ۽ شايد اندر بہ وٺي وڃين. مون ڇير ۾ اک کپائي ڇڏي. در جو ڪڙڪو تہ لٿو پر در نہ کليو هو. عطا چئن ئي پاسن وڏي غور سان ڏسي، هلڪڙي آواز سان پڇيو "اچان."

"اچ."

در هڪ جهٽڪي سان کليو ۽ مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. مون نہ پئي چاهيو تہ مان پڳل آئيني ۾ نظام جو چهرو منهن ڏسان، ڇاڪاڻ جو اهو در نظام جي گهر جو کليو هو

منهنجيون اکيون بند آهن، پر مان عطامحمد جي گهر ۾ وڃڻ کان پوءِ در بند ٿيڻ جو آواز تہ ٻڌي سگهان ٿو.



سعديہ ميمڻ

# آن ماءِ بلاڪينڊ ڊيس

هلندو هلندو ٿـو وڃان، ڪٿي بہ سڪ نٿو سمهان. پاڻيان تہ ائين هلندي هلندي عمر گذاري ڇڏيان. ڏسندي ڏسندي ڪئين نظارا نظر مـان گذريم. رمضان جـو مهينو، شام جـي مهل آهي. هڪ عجيب قسم جو ماحول آهـي. بازار ۾ جنهن جي جيتري پهچ آهي آن آهـر هرڪو پورائي ڪري پيو. منهنجيون اکيون هرڪنهن جـي تعاقب ۾ آهـن. هڪڙي وڏي چمڪيلي موٽر اچي هڪڙي فروٽ واري گاڏي جي اڳيان بيٺي. خير موٽر مان تہ نڪرڻ جي ڪنهن کي ضرورت ڪانہ محسوس ٿي. گاڏي وارو پاڻيهي فروٽ جا لفافا بند ڪري گاڏيءَ ۾ پهچائي آيو. آئون وري ان گاڏيءَ جي پٺيان پٺيان ويس. اها ساڳي گاڏي هڪڙي گلن واري واري وٽ وڃي بيٺي. اتان گلن جا هار ڪجهہ ان گاڏي ۾ رکيا ويا، ان مان هڪ بيڪريءَ تان ڪيڪ پيسٽري ورتا ويا، ۽ الاهي ڪٿان ڪٿان ٿيندي اها گاڏي اچـي هڪ عاليشان بنگلي ۾ داخل ٿي.

بنگلي ۾ ڇهڇٽو لـڳو پيو هو، بتيون تہ ائين پئي ٻريون تہ سڄو بنگلو جهرمر پئي ٿيو. ماڻهو هڪٻئي جي پٺيان اندر داخل ٿيندا ٿي ويا. روزي کلڻ ۾ اڃا ڪجهہ وقت هو. ماڻهو هلندي، ڪاريڊور لتاڙيندي ور وڪڙ آڪاريندي اچـي هڪڙي ڪشادي ۽ ويڪري هال ۾ پهتا، جتي هڪڙي ٽيبل تي قسمين قسمين شيون سينگاريون رکيون هيون، ۽ ٽيبل جي چوڌاري ننڍڙا ننڍڙا ٻارڙا رنگين ڪپڙن ۾ ائين پئي ڊوڙيا جهڙا گلن مٿان پوپٽ. ڪنهن مهل هيڏانهن تـہ ڪنهن مهل هوڏانهن ڊوڙندا ٿـي وتيا. هڪڙي ٻارڙي کي ماءُ ائين ٿـي سنڀاليو جڻ ڪو شيشي جو گڏو هجي، ڪٿي پڇي نہ پئي يا ڪنهن جو هٿ لـڳس تہ جهُري نہ پئي. ذري ذري ڪڇ تي پئي کڻيائين. نيٺ روزو بہ کليو. ماءُ ٻار کي پهريائين جوس جو گلاس پري پياريو. گهر جي ڀاتين ۽ ٻين مهمانن کيس گلن جي هارن سان اصل مٿي ڇڏيو. ان جي دوران بہ ماءُ کيس ڪنهن مهل فروٽ تہ ڪنهن ڪيڪ کارائيندي ٿي ويئي. ٻار جي تہ بس اها دانهن هئي تہ ”ممي بس“، ”ممي بس“، ”ممي بس“، ”منهنجو پيٽ ڏاڍو پرجي ويو آهي.“ ”مما پليز بس.“ ماءُ وري فڪرمندانہ لهجي ۾ چوي تہ ”جان ڏس منهن تہ ڪيڏڙو ٿي ويو اٿئي، رڳو فروٽ هينئر کاءُ، باقي مالي پوءِ کائجان. مون بورچيءَ کي چئي ڇڏيو آهي پڊنگ

”ها ... ها ... تسليم نہ؟“ اگر وات تي رکندي چيائين.

مان دل ۾ خوش ٿيڻ لڳس ۽ تڪڙ ۾ خوشيءَ وچان هٿ ورائي ڏهين جو نوٽ ڪيسي مان ڪڍي ڪيس خرچي ڏيندي چيم ”ان جي باري ۾ ٻڌائيندين پٽ!“

”ها ـــ ها چو نہ؟“

”پر ٻڌ! ها مون کي رڳو ان جي گهر وٺي هل!“

”ها پر... هوءَ گهر تہ هوندي ئي ڪونہ“

”چو“ مون کانئس پڇيو.

”راند تي ويئي هوندي!“

”ڪهڙيءَ تي“ تڪڙ ۾ کانئس پڇيم.

”فوٽ بال تي“

”مرداني راند تي عورت؟“ عجب مان پڇيم.

”پاڻ بہ تہ مرد آ نہ چاچا!“

”ڪيئن“ مان پاڻ کي ڪنهن انگاس تي اٽڪندي محسوس ڪيو.

”چاچا! هو مرد آهي ـــ زناني نالي سان مردن ڏانهن خط لکندو آهي ۽ پوءِ هو هن ڏي ڏاڍيون سوکڙيون پاکڙيون موڪليندا آهن. هي ڪتاب بہ ڪيس هڪ قلمي بواءِ فرينڊ موڪليو هو. اهڙي طرح انهن وٽان ڏانهس ڪتاب ... بڪ... ساڙهيون ... ريڊيا ... گهڙيون ...“ ۽ هو الائي ڇا ڇا چوندو رهيو. منهنجو منهن ڪنهن پنڇر ٿيل ٽائر جيان سُسندو ويو ـــ گاڏي آخري سيٽي هڻي هلڻ لڳي ۽ مان ڊوڙندو وڃي گاڏيءَ جي آخري گاڏي جي در ۾ چمبڙي پيس.



”سيٺو اڄايو بيلارڊ کي خراب ڪري رهي آهي ۽ بلارڊ تہ بنهہ مست ٿيندو وڃي. هاڻي تہ اهو حال اٿس جو پنهنجي ڪابہ شيءِ، پيو تہ نهيو پر اخبار بہ هنداڻتي ڪري نٿو رکي. بس ائين ئي اڇليو ڇڏي.“

”اها ڪا اهڙي اهم ڳالهہ نہ آهي.“ اسٽيفن ڪار اسٽارٽ ڪندي چيو.

”توهان تہ خواهہ مخواهہ جي ڳالهہ ڪندا آهيو.“

ڪار آهستي آهستي پورچ مان نڪري سڙڪ تي ڊوڙڻ لڳي.

”خواهہ مخواهہ؟“ اسٽيفن چيو.

”اها خواهہ مخواهہ جي ڳالهہ تہ نہ آهي. آئون تہ سندس روش کي بناوٽي ڀانئيان ٿو.“

”واهہ واهہ — اها بہ واهہ جي ڳالهہ ٿي.“

”ڇا مطلب؟“

”جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا تہ سيڪجهہ بناوٽي آهي تہ پوءِ سندس ڳالهہ ڳالهہ تي خوشيءَ جو اظهار ڇو ٿا ڪريو؟“ الائن جي لهجي ۾ هڪ اڻ لڪي طنز سمايل هئي.

”الائن ڏس ڪٿي توکي پنهنجي ننهن کان نفرت تہ ڪانہ پئي ٿيندي وڃي؟“ ۽ اها ڳالهہ تمام تشويشناڪ آهي.

”ڇو؟“

”مان نٿو چاهيان تہ بيلارڊ پنهنجي زال کي وٺي اسان کان جدا ٿي وڃي.“

ائين پئي معلوم ٿيو ڄڻ الائن اوچتو مشتعل ٿي ويئي.

”تہ پوءِ سندس حرڪتن تي بيهي اڄايو ڪل ڪل نہ ڪندا ڪريو. مون کي اها ڳالهہ بلڪل پسند ناهي.“

”مصيبت آهي!“ اسٽيفن چيو.

هن ڪار رستي جي هڪ ڇيڙي وٽ بيهاري ڇڏي. ڪار بيهي رهي. اسٽيفن تيز نگاهن سان ڏانهس نهاريو. مگر هن جي خاموش نگاهن ۾ لڪل ملامت ڏسي، سندس سيني تي ڄڻ تہ ٿڌو گهڙو هارجي پيو ۽ فوراً غصو ڪافور ٿي ويس.

”خير ڇڏيو، هاڻ مان جهڳڙو ڪونہ ڪنديس. توهان هلو نہ، دير ٿي رهي آهي.“

”چڱو ٺيڪ آهي.“

اسٽيفن جي لهجي ۾ ناراضگي هئي. ليڪن هن ڪار اسٽارٽ ڪئي ۽ ماٺ ميٺ ۾ سامهون ڏسڻ لڳو. سندس ڪار سڙڪ جي چلڪندڙ سيني تي ترڪڻ لڳي.

ڪرافٽ جي گهرن وٽ پهچڻ تائين ٻئي خاموش رهيا. اتي هنن کان سواءِ چار ٻيا بہ مهمان هئا ۽ سڀئي ڄڻا هڪٻئي سان بي تڪلف هئا. ميز تي کاڌو رکجي چڪو هو، ۽ مسز ڪرافٽ کاڌي جي ميز کي چانديءَ جي خوشنما شمعدانن سان سجايو هو. هو ٻئي پهتا تہ طعام کائڻ شروع ٿي ويو.

ليڪن ميرين جو اهو چوڻ بلڪل غلط هو، ته اهڙو خيال ۽ لحاظ هميشه قائم نه رهندو. ڪافي عرصو گذري وڃڻ کان پوءِ سيٺوءَ جي ورتاءَ ۾ ڪو فرق نه آيو هو. هن جي رويي ۾ ايتري ته يڪسانيت هئي، جو الائن کي ڪنهن ڪنهن وقت ڏاڍو تعجب لڳندو هو. هن ته پنهنجو پاڻ کي گهر جي ماحول سان ائين نهڪائي ڇڏيو هو، جو ذرو به اجنبي نتي ڀانئين، بلڪل ائين ٿي معلوم ٿيڻ لڳو ڄڻ ته هو سڀئي سيٺوءَ جي هٿ وس ٿي رهجي ويا هجن.

۽ سيٺو هر ڪنهن ڪم واسطي اهڙو ته تندهيءَ سان تيار رهندي هئي، جو ٻئي کي موقعو ئي نه ملندو هو. هيڏانهن اچا ڪنهن کي ڪنهن شيءِ جي گهرج پئي هوڏانهن سيٺوءَ جو سريلو آواز ايندو.

”آئون ڪري ٿي ڇڏيان. مون کي به ته ڪجهه ڪرڻ ڏيو.“

مهرباني سيٺو.

۽ اهي پئي جملا ڄڻ ته هڪ معمول بنجي چڪا هئا ۽ هر وقت دهرايا ويندا هئا.

۽ هڪڙي صبح جو عجيب اتفاق ٿيو.

هن جو خواب گاهه مٿين منزل تي هو ۽ ڪائڻ جو ڪمرو هيٺ. اڪثر ائين ٿيندو هو، جو هوءَ دير تائين سُتي پئي هوندي هئي ۽ صبح جو ناشتي تي اسٽيفن سان ساٿ ڏئي نه سگهندي هئي؛ ڪيس اها به خبر نه پوندي هئي، ته اسٽيفن ناشتو ڪري، آفيس روانو ٿي ويو.

اڄ صبح جو ڪيس خبر نه پوي ها. پر هوءَ ٿورو جلدي سجاڳ ٿي هئي ۽ هيٺ هال ۾ ڪجهه آواز ٻڌي بيڊروم مان نڪري گيلريءَ وٽ اچي بيٺي. پوءِ هن جيڪي ڪجهه ڏٺو، سو ڪيس حيران ۽ پريشان ڪرڻ لاءِ ڪافيءَ کان زيادہ هو.

هن ڏٺو ته سيٺو معمول مطابق پنهنجي مهري کي، اوورڪوٽ پارائڻ کان پوءِ پٺن تي بيهي ڪوٽ جا ڪالر ٺيڪ ڪري رهي هئي ۽ اسٽيفن، سيٺوءَ جي مهري سندس چوگرد ٻانهون پڪيڙي پنهنجي ننهن کي سيني سان لڳايو ۽ پيار ڪيو. تمام گرمجوشي ۽ محبت سان. ليڪن ان پاڪر ۾ شفقت جي ٿوري جهلڪ به نه هئي. اها ڪيفيت نه هئي، جيڪا ڪنهن بزرگ کي ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن هو پنهنجي ئي ڪنهن جائي کي پيار ڪندو آهي. پر هن جي روش ۾ جذباتيت ڪجهه ظاهرظهور پئي ڏني.

۽ وري وڏيڪ حيرت انگيز ڳالهه، اها هئي جو سيٺوءَ نه ته ان طرح پاڪر پائي پيار ڪرڻ تي اعتراض ڪيو ۽ نه احتجاج. جيئن ته هوءَ ڪا انهيءَ حرڪت جي عادي هجي ۽ انهيءَ وقت الائن کي خيال آيو ته يقيناً اها ڪارروائي گهڻن ڏينهن کان جاري آهي ۽ اهڙي طرح پاڪر وجهي پيار ڪرڻ جو سلسلو ڀهرين کان ئي قائم آهي، تڏهن ته سيٺوءَ کي ان ۾ ڪا نئين ڳالهه محسوس ڪانه ٿي.

۽ انهيءَ کان به زيادہ تعجب خيز ڳالهه اها هئي، ته بيلارڊ ان موقعي تي بلڪل سندن ئي قريب بيٺو هو. پر هن پنهنجي پيءُ جي انهيءَ اڻ سهائيندي حرڪت جو ذرو به نوٽيس نه ورتو.

ڪو بہ احتجاج نہ ڪيو، جڏ تہ ڪيس بلڪل ناگوار نہ لڳو هجي. ساڳيءَ ريت پائيپ وات ۾ وجهو، هو ور ور ڪري ڪش هڻي دونهون آڏائي رهيو هو ۽ نيٺ ڳالهايائين بہ تہ ڇا!

”بابا، مان گهٽي ۾ گهٽو ٻنپهرن تائين آفيس ايندو سانوَ.“

”چڱو.“ اسٽيفن جواب ڏنو.

الائن کي انهيءَ لحظي ۾ ياد آيو تہ بيلارڊ جو آفيس ۾ دير سان وڃڻ جو اهو سبب اهي، جو هو هڪ ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ وارو هو. جڏهن بيلارڊ جپان ۾ هو تہ ڪار جي حادثي ۾ ڪيس معمولي ضرب آئي هئي ۽ ان جو ڪجهہ اثر اجان بہ باقي هو. دراصل اهو حادثو تہ هن جي ۽ سيتوءَ جي وچ ۾ تعلقات جو پيش خيمو ثابت ٿيو. سيتوءَ جو پيءُ هڪ ماهر سرجن هو. اتفاق ڪجهہ اهڙو ٿيو، جو جڏهن بيلارڊ حادثي جو شڪار ٿي اسپتال پهتو تہ سيتوءَ جو پيءُ سندس سرجن مقرر ٿيو. پوءِ هڪ ڏينهن پيءُ سان گڏ ڌيءَ بہ امريڪن مريض کي ڏسڻ آئي ۽ هنن جي پهرين ملاقات ئي سندن لاءِ نينهن جو نياپو بڻجي پئي.

الائن انهن ئي خيالن ۾ اهڙو تہ ٻڏي وئي، جو اسٽيفن کي الوداع بہ ڪونہ ڪيائين ۽ هو ٻاهر نڪري ويو. الائن ساڳي طرح گيلريءَ ۾، جتي هئي اتي ئي دم بخود بيٺي هيٺ نهاري رهي هئي، جيستوڻيڪ اسٽيفن جي نڪرڻ سان ئي بيلارڊ سيتوءَ کي پنهنجي آغوش ۾ ڇڪي ورتو.

۽ پوءِ الائن کي ڏاڍي خفت محسوس ٿي. اها ڪا شرافت بہ نہ هئي، جو پنهنجي پٽ ۽ نئهن کي هڪٻئي سان واڳيل ڏسجي. هوءَ قدمن جي آهٽ ڪرڻ بنا موٽي وئي. ليڪن سندس ذهن، خيالن کان خالي نہ هو. هن سوچيو پئي تہ هال ۾ انهيءَ وقت بيلارڊ سيتوءَ سان عملي محبت جو اظهار ڇو ڪيو؟ ڪٿي ائين تہ ناهي تہ هو ۽ بيلارڊ ٻئي ڄڻا ڪنهن فريب جو شڪار ٿيندا پيا وڃن.

ليڪن اسٽيفن مان تہ اهڙي توقع نٿي ٿي سگهي. هو تہ هڪ سٺي ڪردار جو، ايتريقدر تہ پاڪيزه صفت شخص هو، جو هن تي شڪ ٿي نٿي سگهيو. اها علحده ڳالهہ آهي، تہ اسٽيفن جي مردانہ حسن ۽ پرلطف ڳالهين کان ڪيتريون خواتين متاثر ٿي ويندڙيون هيون. تنهن هوندي بہ اسٽيفن جي ثابت قدميءَ کي ڪڏهن بہ لوڏو نہ آيو. ڪجهہ اها ڳالهہ بہ هئي، جو الائن کي اسٽيفن جي محبت ۽ ڪردار تي بيحد اعتماد هو. اهوئي سبب آهي، جو ڪڏهن ڪابہ اهڙي صورتحال پيدا نہ ٿي، جنهن مان سندس دل شڪني ٿي هجي يا وري طبيعت کي رنج پهتو هجيس. گهڻين عورتن اسٽيفن تي پيار جي ڪمند آڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن ڪڏهن بہ هن ان تي توجهہ نہ ڏنو ۽ نہ وري ڪو الائن ڪڏهن وهم ۾ مبتلا ٿي. ڇو تہ ڪيس خبر هئي تہ اسٽيفن هڪ ٽڪر مثل آهي. هڪ اهڙو مضبوط ۽ اڏول ٽڪر، جنهن سان جيڪڏهن ڪو پاڻ ٽڪرائيندو تہ سر ڪٺي بچائي بہ وڃي، مگر دل ضرور ٽٽي پوندس ۽ هميشه ائين ئي ٿيندو رهيو. اسٽيفن ڪنهن جي بہ ارادي کان واقف ٿيندي ئي پنهنجو رويو بدلائي ڇڏيندو هو. هن وٽ

”نہ، بلڪل نہ ـ هو مون تي اعتبار ڪري ٿو ۽ مون کي چڱيءَ طرح سمجهي ٿو.“

”تون تمام سٺي ڇوڪري آهين سيتو“ الائن پنهنجو سگريٽ ائش ٽري ۾ مهٽي وسائيندي چيو ”تنهنجي تمام گهڻي مهرباني.“

الائن جي ڳالهين مان سيتوءَ کي اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ دير ڪانہ لڳي تہ هوءَ علحدگيءَ جي ارادي سان متفق آهي.

الائن، جيڪا هيستائين پنهنجي ننهن ڪان بدگماني ڪري رهي هئي، تنهن جا سڀئي شڪ شبها دور ٿي ويا. هن جي دل چاهيو پئي تہ اڳيان وڌي هن معصوم، ليڪن عقلمند ڇوڪريءَ جي پيشاني ڪٽي چمي.

”۽ سيتو؟“

هوءَ تہ جهڙي پٿرين هئي، هاڻ بہ لڳي پئي. هن جي چهري مان ڪابہ اهڙي ڳالهہ ثابت نٿي ٿي، جنهن مان سندس دلي ڪيفيت، خوشيءَ يا رنج جي آئيندار ٿئي. ائين پئي معلوم ٿيو تہ هيڏي ساري گفتگوءَ مان هن ڪوبہ اثر نہ ورتو هو. جيئن ڪوبہ بحث نہ ڪيو هجيس، جڻ تہ ڪابہ خاص ڳالهہ ڪانہ ٿي.

الائن اتي دريءَ وٽ وجي بيٺي ۽ سيتو ميز تان ٿانو سميٽي رنڌڻي ڏانهن هلي وئي.

الائن ڄاڻو ٿي تہ هوءَ جڏهن بيلارڊ ۽ سيتوءَ جي فيصلي ڪان پنهنجي مڙس کي آگاهہ ڪندي تہ هن کي ضرور تعجب ٿيندو ۽ سندس خيال صحيح نڪتو. شام جو جيئن ئي اسٽيفن سان اها ڳالهہ ڇوريائين تہ هو ڏاڍو متعجب ٿيو. ”پلا ان جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ هن چيو. ”هيڏي ساري گهر ۾ صرف اسان بہ ڄڻا نهنداسون ڇا؟“

”ڇو؟“ الائن ورندي ڏني. ”هاڻي بہ ڄڻا ڇو ٿورا لڳنداسون؟“

هن جي آواز ۾ ٿنول ۽ تلخي هئي ۽ اها هلت الائن کي پاڻ بہ ڪجهہ نامناسب سمجهہ ۾ پئي آئي. الائن محسوس ڪيو تہ هن اسٽيفن سان اها ڳالهہ بي وقتائتي شروع ڪئي هئي. بهتر تہ ائين ٿئي ها، جو هوءَ ڪاڏي تائين ان موضوع تي ڳالهائي ئي نہ ها. ليڪن مشڪل اهو هو جو گهڻي دير هوءَ انتظار بہ نٿي ڪري سگهي. رات جي مانيءَ تائين اهو معاملو پيٽ ۾ ڪيئن سالدي ويهي ها!

”سيتو جدا رهڻ چاهي ٿي.“ الائن چيو.

جيتوڻيڪ سندس چوڻ واجبي نہ هو. سيتو ويچاريءَ جو وس هلي ها تہ هوند ڪڏهن بہ ڪانئن جدا نہ ٿئي ها، مگر... هوڏانهن اسٽيفن کي بہ الائن جي ان ڳالهہ تي ذرو بہ اعتبار نہ آيو. هن ڄاڻو ٿي تہ سيتو علحدگي هرگز پسند نٿي ڪري سگهي ۽ هن پنهنجي خيال جو اظهار بہ ڪري ڏنو.

”مون کي تہ يقين نٿو اچي.“

”ايهين چو نہ تو چوين تہ تنهنجي مرضي ڪيس ڇڏڻ جي ناهي.“ الائن چيو.
اسٽيفن کي اهو ناگوار لڳو ۽ سندس منهن ۾ گهڻا ڀڄي ويو ۽ هنن ڀنهي جون لظرون مليون، تہ اسٽيفن محسوس ڪيو تہ الائن ڄڻ تہ سائس مقابلي تي لهي آئي هجي.
هڪ لحظي تائين ڀنهي ڄڻن هڪٻئي کي ڏٺو، ناراض ۽ خاموش...! ۽ پوءِ الائن ماٺ کي ٽوڙيو.
”مون اڄ توهان کي هيٺ هال ۾ ڏٺو هو.“
اسٽيفن جي منهن تي هاڻ ناگواريءَ جي بدران خفگي پيدا ٿي.
”ليڪن بيلارڊ بہ تہ موجود هو ان وقت.“
ائين معلوم ٿيو ڄڻ تہ اسٽيفن پنهنجي بيگناهي ثابت ڪندو هجي.
” ها.“ الائن گهڻي لاپرواهيءَ سان چيو. ”اڃا تہ ڪڏهن بيلارڊ موجود هوندو آهي، پر ڪڏهن سندس غيرموجودگيءَ ۾ بہ...“
اسٽيفن توقع خلاف ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ اڳيان وڌي، صوفي جي هڪ ڪنڊ تي ويهي رهيو.
”آخر، هاڻي تون ڇاهين چاهين ٿي؟“
”ڪجهہ بہ نہ.“ الائن ماڳيءَ ريت، اڃان بہ لاپرواهيءَ ۽ ناراضگيءَ سان چيو.
”پوءِ جهيڙو ڇالاءِ شروع ڪيو اٿئي؟“
الائن اسٽيفن ڏانهن گهوري نهاريو.
”اڃا پاڻي سر کان مٿي چڙهيو ناهي“ هن چيو.
”اسٽيفن توهان پهرين ڪڏهن مون سان ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي. آخر هيءُ قصيو ٿيو ڪيئن؟“
”مون... مون کي خبر ناهي.“
سندس آواز ۾ شڪست ظاهر هئي.
”توهان اهڙي قسم جا ماڻهو نہ آهيو، اها ڳالهہ اوهان کي سيباڻي بہ ڪانہ ٿي.“
”ٺيڪ آهي“ اسٽيفن ڪنڌ جهڪايو.
”توهان ايتريقدر بي سمجهہ بہ ڪونہ آهيو.“
”برابر.“
”چئبو تہ هن جي ادائن توهان کي ريجهي وڌو.“
”ممڪن آهي...... پر ائين بہ ڪونهي.“
”پوءِ آخر ڪهڙو سبب آهي؟“
”بس، ڇا چئجي، ائين ڪٿي سمجهہ تہ هوءَ منهنجي انا کي بيدار ڪري ڇڏي ٿي.“
”توهان جي انا...... ڇا توهان جي مردانگي اڃا تائين سٽل هئي ڇا؟“

”منهنجو راز؟“ سيتوءَ جي لهجي ۾ حيرت جو اظهار هو.

”توکي خبر ناهي ڇا؟“

”بلڪل نه.“

”چڱو، پهرين اهو ٻڌاءِ ته تون بيلارڊ لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ جي خواهش ڪندي آهين؟“

”دلي اطمينان جي“ سيتوءَ فوراً جواب ڏنو.

”بس صرف اطمينان.“

”اطمينان کان وڌيڪ ڀلا ٻي ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي؟“

”خوب... ۽ اطمينان حاصل ڪيئن ٿيندو؟“

اعتماد سان... جڏهن هن کي پاڻ تي اعتماد ٿي ويندو.“

”بس صرف اهوئي چاهين ٿي؟“

”ان کان سواءِ ٻيو به ڪجهه؟“

”تون اهو نٿي چاهين ته هو، واپار ۾ خوب ڪاميابي حاصل ڪري؟“

”جيڪڏهن ڪيس پنهنجو پاڻ تي اعتماد هوندو ۽ هو مطمئن هوندو ته سندس ڪاميابي به يقيني آهي.“

”۽ دولت... تون اهو نٿي چاهين ته هو دولتمند ٿي وڃي.“

”ظاهر آهي ته جيڪڏهن هو چاهيندو ته دولتمند به ٿي سگهندو.“

”تون پاڻ لاءِ ڪنهن به شيءِ جي خواهش نٿي ڪرين؟“

الائن جي حيرت ۾ برابر اضافو ٿي رهيو هو.

”ضرور ڪريان ٿي.“

”ڪهڙي شيءِ جي؟“

”اطمينان ۽ مسرت جي.“

”آخرڪار اهو اطمينان آهي ڇا؟ ڪهڙي چيز آهي؟“

سيتو هڪ-ٻه لمحو ڪنڌ جهڪائي سوچيندي رهي.

”اطمينان“ سيتو مشڪندي ڳالهايو ”بي غرضي... يعني ته ڪنهن به ٻئي کي پنهنجي غرض لاءِ استعمال نه ڪرڻ. پنهنجي ذات ۽ پنهنجي خوديءَ کي ٻئي پنهنجي مصرف ۾ آڻڻ.

الائن ڪجهه به نه سمجهيو، اها ڳالهه ٻئي عجيب قسم جي هئي. ”مثال طور تي“ سيتوءَ ڳالهايو. اهو ان مان سمجهو، جيئن آئون بيلارڊ کي پنهنجي ڪنهن به ذاتي غرض لاءِ استعمال نه ڪريان. نه سندس بابا کي ۽ نه ئي ٻئي ڪنهن شخص کي. ”فرض ڪريو ته مون کي دولت جي لوڙهه هجي. جيتوڻيڪ في الحال مون کي پئسي جي رتيءَ ماتر به پرواهه ناهي. مگر فرض ڪريو ته مون کي دولت جي خواهش هجي. ته پوءِ اها بيحد خراب ڳالهه ٿيندي،

جو آئون بيلارڊ کي انهيءَ غرض واسطي استعمال ڪريان ۽ ڪيس مون لاءِ زياده کان زياده دولت حاصل ڪرڻ جو چوان، ڇاڪاڻ ته اها ته صريحاً خود غرضي ٿيندي.

دراصل سيٽو پنهنجي ذهن جي سيني تاثرات جي ترجماني ته نه ڪري سگهي، تاهم الائن کي ائين محسوس ٿيو، جيئن منهس ذهن تان لاعلميءَ جو پردو هٽي ويو هجي. جڻ ته هن کي نئين روشنيءَ جو ڪرڻو نظر آيو هجي، ۽ جڏهن هن سيٽوءَ جي بيان ڪيل حقيقت جي روشنيءَ ۾ پنهنجو جائزو ورتو ته هن کي اندازو ٿيو ته هوءَ برابر اجا تائين به اسٽيفن کي ذاتي غرض واسطي استعمال ڪندي رهي آهي. هوءَ ته هن وقت تائين غلط رويءَ جو شڪار رهندي آئي آهي. هن ته پنهنجي مڙس کي پنهنجي غرضن لاءِ هڪ آلہ ڪار ڪٺي بنايو هو. اگر پنهنجي غرضن جو بار مٿس نه وجهي ها، ته هوند هو آزاديءَ سان ڪم ڪندي، خدا ڄاڻي ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪري ها ۽ هيستائين ڇا مان ڇا ٿي وڃي ها!

هوءَ پنهنجي ڪيل سلوڪ تي جهڙو ڪر نادم ٿيڻ لڳي.

”تون اجا ٻچو آهين سيٽو“ الائن چيو.

”پر تنهنجي وات مان عقل ۽ دانش جا گل ٿا ڇڻن.“

”اهو سڀ منهنجي امڙ مون کي سيکاريو آهي ۽ ان کي منڊس امڙ سيکاريو......“

۽ الائن ڪجهه چوي ٿي چوي، تنهن کان اڳ ۾ اسٽيفن ۽ بيلارڊ ٻئي ڪمري ۾ داخل ٿيا.

”الائن، مان ۽ بيلارڊ ان ڳالهه تي متفق آهيون ته هاڻي بيلارڊ کي پنهنجو گهر ڌار وٺڻ کپي. منهنجي خيال ۾ اها سٺي ڳالهه آهي، تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟“

منهنجي به اها راءِ آهي، ليڪن ڪيترا ڏينهن اسان پاڻ ۾ گڏ رهيا آهيون ۽ اهي سڀ ڏينهن ڏاڍا خوشگوار ۽ دلچسپ گذريا. دراصل اسان کي سيٽوءَ جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي.

۽ سيٽو هميشه وانگيان پهرين اسٽيفن جي تعظيم لاءِ ٿورڙو خم ٿي ۽ پوءِ الائن لاءِ ۽ چيائين ”مون ته ڪجهه به نه ڪيو...... مان ته ڪجهه ڪري به نه ٿي سگهان ۽ پوءِ وري پنهنجي طبعي سادگيءَ ۽ وقار سان گڏ چند لفظ چيائين ”بس مان رڳو پنهنجي طبيعت ۽ تربيت خلاف ڪونه ويس!“



ايس. ايرڊن

مترجم: ولي رام ولڀ

(منگوليائي ڪهاڻي)

# ڪنگورزل

ٻيلي جي راڪي مون کي ناراض ٿي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اچڻ لاءِ چيو هو، ۽ مون کي ياد آيو ته هن مون کي ’ڪنگورزل‘ (هڪ جهنگلي گل) جي باري ۾ ٻڌائڻ جو وعدو ڪيو هو ته رات جي پوئين پهر ۾ منهنجي اک، کلي پيئي.

منهنجي ماءُ کي ٻڌايو جيئن ڪئين بيماريون هيون، انهيءَ ڪري ڪيس گهري ننڊ ڪڏهن نه ايندي هئي. هلڪي کڙڪي تي به هوءَ جاڳي پيئي ۽ مون کان پڇڻ لڳي ته مان انهيءَ وقت ڪيڏانهن پيو وڃان. مون ٻڌايو ته چوڻ لڳي، ”سنڀالي وڃج، هو چڱو ماڻهو ناهي.“

مان هليو ويس. امان جي چوڻ مطابق ڪجهه خبردار به هئس، پر وٽس وڃڻ کان پوءِ مون کي لڳو ته منجهس اهڙي ڪا به ڳالهه نه هئي، جيئن ماڻهن سوچيو ٿي. هن جو ماڻهن سان ميل جول تمام گهٽ هو، انهيءَ ڪري ماڻهو پنهنجي طور تي جيڪي ڪجهه سمجهه ۾ آيو ٿي، هن جي باري ۾ سوچي وٺندا هئا ـــ هو، جنهن جو هن دنيا ۾ ڪنهن سان ميل جول نه هوـــ سواءِ ٻيلي جي.

”ڪڏهن ڪڏهن ڇڏي جهنگ مان به مون کي آٿت نه ملندو آهي. مان ڪهاڻن وٽن ۾ گم ٿي وڃڻ چاهيان ٿو، گم به ٿي ويندو آهيان. رات جو ٻاهه ٻاري ڪو جانور ٻاهه تي پچائي وٺندو آهيان، رڃ جي ڪل ۾ ويڙهجي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لاڳيتو تماڪ ڇڪيندو رهندو آهيان، ۽ بس...“ هن مون کي ٻڌايو.

ٻيلي جي انهيءَ راڪي کي مان تڏهن کان سڃاڻان جڏهن مان اڃان ننڍو هئس، ٻي سمجهه هئس. تڏهن مون کي هو ’اوپرو اوپرو‘ لڳندو هو، پوءِ به موڪلن ۾ جڏهن مان ڳوٺ

ويندو هئس ته هن سان ضرور ملندو هئس. پر ڪجهه ورهين کان پوءِ هو 'پنهنجو پنهنجو' محسوس ٿيڻ لڳو. پر هن سال منهنجي ۽ هن جي ڄاڻ-سڃاڻ -- ٿوري ٿوري ٿيندي -- تمام وڌي ويئي هئي.

ڪنگورزل جو نالو وٺندي ئي هو ڏاڍو آداس ٿي ويندو هو، پوءِ مان ڪانئس ڪجهه به پڇندو نه هئس. پر هن ڀيري ڀچي ورتو هوم، ۽ هن وعدو ڪيو هو ته "جنهن ڏينهن اسان ريڇ جو شڪار ڪنداسين، انهيءَ ڏينهن مان توکي ڪجهه ٻڌائيندس." اڄ اهوئي ڏينهن هو- هڏي جي مُٺئي وارو شڪاري چاقو سندس چيلهه ۾ لڳل پٽي ۾ چمڪي رهيو هو ۽ بندوق سندس ڪلهي تي لٽڪي رهي هئي. هو چلم به پي رهيو هو، پر سندس نظر ڪٿي پري وڃايل هئي.

ڏسڻ ۾ پئي آيو ته سندس گهوڙن کي سوڙهي ڪان سوڙهن ڀيچرن تان گذري وڃڻ جي عادت پيل هئي. وڻن جون ننڍيون وڏيون ٽاريون منهنجي منهن ۽ مٿي کي رهندا پائي رهيون هيون. ڪٿي ڪٿي آسمان جي فيروزي رنگ جا ٽڪرا وڻن جي چوٽين تي ٽالڪيل لڳا ٿي. وڻن تي ماڪ ڦڙا اسان جي مٿان ڪري پيا ٿي. ۽ اسان جي ساهن ۾ گاهه جي، ٻيرن جي، انجيرن جي ۽ نه ڄاڻان ڪهڙن گلن جي سڳنڌ سمايل هئي.

سج مٿي چڙهي آيو هو. ڪرڻا هاڻي وڻن کي ويندي رهيا هئا ۽ ڪٿين هنڌن تي ماڪ ۾ ڀِنل گل هيرن جئن چمڪي رهيا هئا. اسان جڏهن 'نٿرمسٽ آل' جبل جي چڙهائي چڙهي وياسين ته انهيءَ جي چوٽين تي پيل برف کي ڏسي ٿي سگهياسين - برف جي پويان آسمان جو رنگ ڏاڍو گهرو ڏسڻ ۾ پئي آيو. مان انهن سينن ۾ ايترو گم ٿي ويو هوس، جو مون کي ٻي ڳالهه جو خيال ئي نه رهيو... اسان جي گهوڙن هٽڪايو. سندن ڪنَ آيا ٿي ويا. منهنجو ساٿي هوريان گهوڙي تان لٿو ۽ پنهنجي گهوڙي جي واڳ منهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڪيڏانهن گم ٿي ويو. هڪ منٽ به نه گذريو هوندو ته بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو ۽ سمورو ٻيلو گونجي اٿيو. ٻڪين جي ڪنين جي ڦڙڦڙاهٽ ۾ مان اوڏانهن وڌيس، جتان گوليءَ جو آواز آيو هو. منهنجي اکين ڪيس ڳولي ورتو- هو هڪ وڻ تي چڙهيل هو ۽ انهيءَ وقت ڪيسي مان چلم ڪڍي پي رهيو هو ۽ چلم جي نيري دونهين ۾ سندس چهرو ويڙهجي ويو هو. وڻ جي ٿڙ جي اوٽ ۾ ريڇ ڪريو پيو هو...

پوءِ هڪ ٽڪريءَ مان نڪرندڙ نئن جي ڪناري ويهي، اسان ڪٽليءَ ۾ چانهه ناهي. سج هاڻي ڪپار تي هو، وڻن جا پاڇولا ننڍا ٿي ويا هئا، پر جابلو هوا اڃا به ڏاڍي ٿڌي هئي...

"ڪنگورزل مون کي هتي... هن هنڌ تي... ملندي هئي. هن هڪ ڍگهو ساهه کڻي، گاهه تي پنهنجا پير ڦهلائي ڇڏيا.

مان چپ هوس -- منهنجي زبان به ڄڻ ڪن ٻنجي ويئي هئي. "ڪنگورزل"- هو چوڻ لڳو- "هڪ عجيب ڇوڪري هئي - ٻيلي جو ڪرشمو- ٻيلي جي راڻي- ٻيلي جو روح. سندس

هو ٻيلي جو راڪو نہ هو... مون هڪ ڏينهن موقعو وٺي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ آتان هليو ويس. پوءِ اڳتي تمام سڌي ڳالهہ آهي. پوءِ جڏهن زمانو بدليو تہ ملڪ جا ڏينهن مٽجي ويا. ٻيلي جي دشمن ۽ روپ جي دشمن جو وقت هليو ويو. سان موتي آيس - بلڪل هتي، جتي منهنجو گهر هو. هاڻي هتي مان ٻيلي جي سنڀال ڪندو آهيان - جهنگل جي جيئري جاڳندي سونهن جي ۽ ڪنگورزل جي مري ويل سونهن جي - ۽ ڪهڙي خبر تہ ڪنگورزل جو روپ مئو ناهي، جهنگل جي روپ ۾ اڄ بہ زنده آهي...*



# مقالا

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# مخدوم بلال - هڪ محب وطن بزرگ

هت اسين، سنڌ جي اهڙيءَ محب وطن ۽ مرد مجاهد بزرگ جا حالات پيش ڪيون ٿا، جنهن سنڌ کي غيرن جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ مجاهدانه جدوجهد ڪندي، شهادت جو جام نوش فرمايو. سنڌ جي هن محب وطن ديس کي ڌارين جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ، سنڌ جي سورمن ۾ ساڻيهه جي سِڪ جو اهو روح ڦوڪيو، جو ٽلٽيءَ جي ميدان تي قومي پُڌ لڙندي ڪيئي ڪولڊر ڪُسي ويا. سنڌ جي هن سدا جيئري سالڪ ۽ سورهيه نه فقط سنڌ جي جوڌن جوانن کي سندن لشڪر سميت، هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري، قومي لڙائيءَ لاءِ آڀاريو، پر پنهنجن مريدن ۽ خليفن کي به لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ طرح انهيءَ خيال کي غلط ثابت ڪيائين ته صوفي صرف حجرن ۾ وهندا آهن. سنڌ جي هن سورمي جي ڪوشش جي باوجود به قضا جو قلم وهي ويو، ڪئي ڪوپا قربان ٿي ويا، ۽ ديس ڌارين جي غلاميءَ ۾ اچي ويو. تنهن کان پوءِ هن سباجهيءَ سرزمين تي ڪيئي ويل وهيا ۽ ابوجهه عوام سان ڪيئي عقوبتون ٿينديون رهيون. ان کان پوءِ شاهه بيگ جي پٽ شاهه حسن جا بکر، اُچ ۽ ملتان تي حملا، تباهيون ۽ خونريزيون، همايون جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ ارغونن سان جهڙپون، ارغونن ۽ ترخانن جي هڪٻئي سان آويزش ۽ خانه جنگي، عيسيٰ ترخان ۽ محمود بکريءَ جون لڙايون، گوا جي عيسائين جو ٺٽي ۾ اچي قتل عام ڪرڻ، ڦُر ڪرڻ، ڦُر به اهڙي جو سڄي ايشيا ۾ اهڙي ڦُرلٽ ڪا ورلي ٿي هوندي (سنڌ گزيٽيئر، ص ١٠٥)، ۽ ٺٽي کي باهه ڏيڻ، مرزا عيسيٰ جي پٽن جو هڪٻئي سان تخت ۽ تاج لاءِ وڙهڻ، مرزا باقيءَ جون ٺٽي ۽ سنڌ ۾ خونريزيون، ظلم ۽ ڏاڍ، آخر ۾ جاني بيگ ۽ خانخانان جي لڙائي (٩٩٩هه)، جنهن ۾ سنڌ وڃي مغلن جي قبضي ۾ پئي، ۽ ان لڙائيءَ هارائڻ کان اڳ جاني بيگ جو ٺٽي کي باهه ڏيڻ. سنڌ جو عوام انهن لڙاين ۽ خوازيزين جي ڪري ڏُکر ۾ ڦاٿو ٿيندو رهيو، امان امان ۽ سک سلامتيءَ لاءِ سڪندو رهيو، ڌارين جي ظلم ۽ ڏاڍ جي گهاڻي ۾ پڙهبو رهيو ۽ ٺٽي جهڙو نفيس، متمدن ۽ اعليٰ شهر ويو ناس ٿيندو.

# نالو، نسب ۽ ولادت

مخدوم صاحب جو نالو بلال هو ۽ ذات جو سمون هو. سندس والد جو نالو مخدوم حسن هو. سندس ڏاڏو مخدوم ادريس سنڌ جي مشهور سمي حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو ڀاءُ هو(۱). روايتن ۾ اچي ٿو ته مخدوم بلال جو والد بزرگوار مخدوم حسن لس ٻيلي جو حاڪم هو. هڪ روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم بلال جي ولادت ۸- ربيع الاول ۸۵٦ھ (۱٦- جون ۱۴۵۱ع) ۾ ٿي. محترم جي- ايم. سيد صاحب ڄاڻايو آهي ته غالبا نائين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ ڄائو هوندو(۲).

تعليم: مخدوم صاحب کي ننڍپڻ کان ئي ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق هو. ابتدائي تعليم ٺٽي جي مدرسن مان پرارايائين. وڌيڪ تعليم لاءِ سيد نورحسين شاهه بخاري ٺٽوي جو نالو ٻڌي ڳوٺ تلٽي لڳ سيوهڻ آيو، جتي سيد صاحب درس و تدريس جو سلسلو هلائي رهيو هو. شاهه صاحب، مخدوم صاحب جي علمي شوق ذوق ۽ ذهانت کي ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو، ۽ کيس محبت ۽ شفقت جي نظر سان ڏسڻ لڳو. ڳوٺ جي دوڪاندار محمدخان ميمڻ کي چٺي چڏيائين ته بلال جيڪي به وٺي، اهو کيس ڏجانءِ ۽ پئسا مون کان وٺجانءِ ۽ بلال کي به اهڙو اطلاع ڏئي ڇڏيائين. بلال ته اڳ ۾ ئي علم حاصل ڪرڻ لاءِ اميرانه زندگي ترڪ ڪري نڪتو هو، انهيءَ ڪري دنيوي ٺاهه ٺوهه ڏانهن سندس ڪو به ڌيان ڪونه هو. اهوئي سبب آهي، جو هٽ واري کان ڪا به شيءِ وٺڻ جي کيس ضرورت درپيش نه آئي. البته استاد جي حڪم مڃڻ جي ارادي سان سڄي سال ۾ هٽ واري کان هڪ پئسي جون پڪوڙن جون ڪلون ورتي، استاد جي فرمانبرداريءَ جو حق ادا ڪيائين.

ٻارهين مهيني شاهه صاحب جڏهن دوڪاندار کان حساب گهريو، ته کيس حقيقت معلوم ٿي. اهو ڏسي هو مخدوم صاحب جي علم ۽ ذهانت سان گڏ زهد ۽ تقويٰ جو حال معلوم ڪري، بيحد متاثر ٿيو. ان کان پوءِ ته اڃا به وڌيڪ کيس عزت ۽ محبت سان پيش اچڻ لڳو(۳).

تلٽيءَ ۾ ئي مخدوم صاحب سيد نورحسين شاهه کان سواءِ مخدوم عمر کان به تعليم حاصل ڪئي. اهڙي طرح ديني علمن جهڙوڪ: تفسير، حديث ۽ فقه ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. تواريخ معصومي جو صاحب مير معصوم بکري لکي ٿو: ”تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام ماهر هو. بلند درجن جو مالڪ هو. سندس سمورن حالات ۽ ڪمالات جي لکڻ جي قلم کي ڪا به طاقت ڪانهي(۴)“. تحفة الکرام جو صاحب لکي ٿو: ”وڏو عارف ۽ واصل بالله هو. ظاهري علم ۾ پڻ وڏو شان رکندو هو(۵)“. سندس علم جي هاڪ جلد ئي پکڙجي ويئي ۽ ڪيترائي علم جا آچايل، پرانهن پنڌن تان کهي اچي، وٽانئس علم پرائڻ لڳا.

قيام: ديني ۽ روحاني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم صاحب آتان ئي شادي ڪئي، ۽ اتي ئي رهي پيو. حلال روزي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪپڙي آڻڻ جو ڌنڌو اختيار ڪيائين، ۽ تلٽي لڳ ڳوٺ ”بخاري“ ۾ ڪورڪي ڪِرت شروع ڪيائين (٦).

انهن ڏينهن ۾ "مخدوم دانيال" نالي هڪ بزرگ "شهر ٽکڙ باغبان" ۾ رهندو هو. اهو ڳوٺ هينئر "باغبان" جي نالي سان تعلقي دادو ۾ مشهور آهي. مخدوم دانيال جا ڪيترائي مريد هئا، جن مان هڪ شيخ پرڪڻ ذات ملڪ گهڻو مشهور هو. مخدوم دانيال جيتوڻيڪ وڏي روحاني مرتبي وارو بزرگ هو، تڏهن بہ پنهنجي روحاني طلب جي آڄ آجهائڻ لاءِ ڪنهن خدا رسيده بزرگ جي ڳولها ۾ هوندو هو. انهيءَ جستجو ۽ ڳولا ۾ ٽلتيءَ جي پرسان ڳوٺ بخاري ۾ مخدوم بلال وٽ پهتو ۽ ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيو. آخر ڪيس ميڙمنت ڪري پنهنجي ڳوٺ "باغبان" وٺي آيو. مخدوم بلال "ٽکڙ باغبان" ۾ بہ ساڳو ڪورڪو ڏنندو اختيار ڪيو (٧). ان ڪان سواءِ مسجد "بيگو شهيد"، (جيڪا اڄ بہ سلامت آهي) ۾ درس و تدريس جو سلسلو بہ جاري ڪيائين. جيڪي روحاني فيض جا طالب هئا، انهن کي روحاني فيض بہ ڏيڻ شروع ڪيائين. مخدوم دانيال ۽ سندس مريد بہ سندس روحاني فيض مان مستفيض ٿيڻ لاءِ سندس صحبت ۾ رهڻ لڳا. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سيد حيدر من وارو بہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ارشاد موجب اچي سندس مريد ٿيو. ان سان گڏ پيا بہ ڪيترائي حق جا طالب سندس مريد ٿيا (٨).

## طريقت جو سلسلو

تصوف جي طريقن جا چار سلسلا آهن: قادري، سهروردي، نقشبندي ۽ چشتي. هرهڪ سلسلي جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. مخدوم صاحب سهروردي طريقي جي شاخ "ڪبرويہ" سان وابستہ هو (٩). سندس طريقت جو سلسلو، سلسلي جي باني شيخ نجم الدين ڪبريٰ خوارزمي سان هن طرح وڃي ملي ٿو:

"مخدوم بلال مريد دوست علي سيستاني، اهو مريد سيد شمس الدين علي همداني (متوفي سنہ ٧٨٦هہ) اهو مريد شيخ شمس الدين مزوقاني (وفات ٧٦٦هہ) اهو مريد ابوالمڪارم علاؤالدين سمناني (متوفي ٢٢- رجب سنہ ٧٣٦هہ) اهو مريد نورالدين عبدالرحمان اسفرائني (متوفي ١٤- جمادي الاول سنہ ٦٩٥هہ) اهو مريد جمال الدين احمد جوزقاني (وفات ٦٦٩هہ) اهو مريد رضي الدين علي لالا غزلوي (متوفي ٣- ربيع الاول سنہ ٦٤٢هہ) اهو مريد شيخ مجدالدين بغدادي (وفات ٦١٧هہ) اهو مريد شيخ نجم الدين احمد بن عمر ڪبريٰ خوارزمي (ولادت ٥٤٠هہ خيوا ۾، ۽ تاتارين جي جنگ ۾ شهادت ١٠- جمادي الاول ٦١٦هہ) (١٠).

سيد محمد غوثي برهانپوري پنهنجي ڪتاب "گلزار ابرار" ۾ لکيو آهي:

"مخدوم صاحب حق جو عارف ۽ خلق ۾ معروف هو. هدايت سنڌي جي روايت آهي تہ هڪ رات مخدوم صاحب خلوت خانہ ۾ مطالعي ۽ مشاهدي ۾ مشغول هو، تہ کيس اُڃ لڳي. جيئن ئي پاڻي پيڻ لاءِ ٻاهر آيو تہ ٻاهر حضرت خواجہ خضر کي موجود ڏٺائين. پوءِ ان وٽان جيڪو فيض مليو هوس، سو مليس، ۽ جيڪو ڪجهہ ورتو هوس، سو ورتائين (١١).

مٿين بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب حضرت خواجه خضر کان روحاني فيض حاصل ڪيو؛ پر طريقت ۾ سندس مرشد شيخ دوست علي سيوستاني يا سيوهاڻي هو، جنهن جو طريقت جو سلسلو شيخ نجم الدين ڪبريٰ سان ملي ٿو، مٿين بيان مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب کي مطالعي جو به شوق هو. هڪ ٻي روايت مان به ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي، ۽ خبر پوي ٿي، ته هو شيخ نجم الدين ڪبريٰ جي مرشد ابوالنجيب عبدالقاهر سهروردي جي ڀائٽي ۽ مريد شيخ شهاب الدين عمر سهروردي جو تصوف تي لکيل مشهور ڪتاب عوارف المعارف جو مطالعو ڪندو رهندو هو. حامد بن فضل الله جمالي ”سير العارفين“ ۾ لکيو آهي:

”سيوهڻ جي پرسان ”بحري*“ نالي ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ ۾ هڪ درويش هو، جنهن جو نالو مولانا بلال هو. هو تمام گهڻي رياضت ڪرڻ وارو ۽ اعتقاد جو پڪو هو. جڏهن مان سندس ڳوٺ ۾ ويس، ته ساڻس ملاقات ڪيم. ان جي اڳيان عوارف (عوارف المعارف) رکيو هو. هن حقير (جمالي) سان ان ڪتاب جي ڪن مقامات تي سندس خيالن جي ڏي-وٺ ٿي. هو صاحب دل انسان هو“(۱۲).

جيئن ته مخدوم صاحب جو تعلق سهروردي سلسلي ۽ ان جي شاخ ڪبرويه سان هو، انهيءَ ڪري ان جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

## سهروردي سلسلو:

سهروردي سلسلي جو بنياد حضرت شيخ ضياءالدين ابونجيب عبدالقاهر سهروردي وڌو. سندس نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق رض. سان هن طرح ملي ٿو:

”شيخ ضياءالدين ابوالنجيب بن عبدالله بن محمد بن عبدالله بڪري المعروف به شيخ عمويه بن سعد بن حسين بن قاسم بن سعد بن نصر بن عبدالرحمان بن قاسم بن محمد بن ابوبڪر صديق رض.“ (۱۳).

حضرت شيخ ابوالنجيب جي ولادت سهرورد ۾ سنه ۴۹۰هه (۱۰۹۷ع) ۾ ٿي. بغداد جي مدرسه نظاميه مان ديني علمن جي تحصيل کان پوءِ انهيءَ مدرسي ۾ به سال مدرس ٿي، درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. طريقت ۾ امام محمد غزاليءَ جي ڀاءُ شيخ احمد غزالي جو فيض يافته هو؛ جنهن جي طريقت جو سلسلو سيدالطائفه حضرت جنيد بغداديءَ ڏانهن منسوب سمجهيو ويندو آهي. حضرت شيخ ابوالنجيب، حضرت غوث العالم سيد عبدالقادر جيلاني کان به فيض پرايو. ان کان سواءِ حضرت غوث العالم جي روحاني پيشوا شيخ ”حماد باس“ کان به فيض حاصل ڪيائين.

---

*ڳوٺ جو صحيح نالو ”بخاري“ آهي، جيئن اڳ ۾ اچي چڪو آهي. هتي ان نالي جي صورت بگڙجي ”بحري“ ٿي ويئي آهي.

روحاني فيض سان مالامال ٿي، سلوڪ جي راهه جي سڪايلن کي فيض ڏيڻ شروع ڪيائين. ان مقصد لاءِ بغداد ۾ هڪ خانقاهه قائم ڪيائين، جتي سدائين وعظ ۽ هدايت جي مجلس گرم رهندي هئي. ڪجهه وقت سنه ١١٦١ هه ۾ اسلامي ملڪن جي سياحت به ڪيائين.

صوفي بزرگ ۽ مصلح هجڻ سان گڏ، هو وڏو عالم ۽ فاضل به هو. اسلامي تصوف ۽ اسلامي تعليم تي ڪجهه ڪتاب به لکيائين، جن مان فقط ٻه ڪتاب: ”آداب المريدين“ ۽ ”شرح اسماءالحسنيٰ“ دنيا جي لاهن چاڙهن کان بچي سگهيا آهن. سنه ٥٦٤هه (١١٦٨ع) ۾ بغداد ۾ وفات ڪيائين، ۽ اتي ئي مدفون ٿيو(١٤). پويان ڪيترائي معرفت جا صاحب ڇڏيائين، جن سندس ڪم کي اڳتي وڌايو. سندس ڀائٽي حضرت شيخ شهاب‌الدين عمر سهروردي (ولادت ٥٣٩هه=١١٤٥ع ۽ وفات ٦٣٢هه=١٢٣٤ع) سندس سلسلي کي ”سهروردي“ سلسلي جي نالي سان جاري رکيو ۽ وڏي اوج تي رسايو. حضرت شيخ ابوالنجيب جي ٻين وڏن خليفن جي نالن پٺيان تصوف جا جدا جدا سلسلا شروع ٿيا، جهڙوڪ: ڪبرويه، شطاريه ۽ فردوسيه. حضرت مخدوم بلال ڪبرويه سلسلي سان وابسته هو.

ڪبرويه: هن شاخ جو باني شيخ نجم‌الدين ڪبريٰ ابوالجناب احمد بن محمد عمر بن محمد خوارزمي هو. هن جون وري ٻه شاخون ٿيون: هڪ شيخ سيد علي بن شهاب حسيني همداني جي آهي، جيڪا ”ڪبرويه“ سڏي ويئي؛ ٻي ”فردوسيه“ سڏي ويئي، جنهن جو باني هندوستان ۾ شيخ شرف‌الدين احمد بن يحيٰ منيري هو.

حضرت شيخ نجم‌الدين ڪبريٰ، حضرت شيخ ابوالنجيب جي وڏي خليفي عمار ياسر کان مستفيض هو. حضرت عمار، مريدن جي تربيت ۽ ڪشف ۾ وڏو استعداد رکندو هو. شيخ نجم‌الدين ڪبريٰ پنهنجي ڪتاب ”فوائدالحال“ ۾ لکيو آهي، ته ”جڏهن شيخ عمار جي خدمت ۾ پهتس، تڏهن منهنجي دل ۾ خيال آيو، ته مان وڏو عالم آهيان؛ جيڪڏهن فتوحات غيبي جي نعمت به حاصل ٿئي، ته ڪهڙو نه سٺو ٿئي، ته جيئن معبر تي بيهي حق جي طالبن جي رهنمائي ڪريان.“ حضرت ڪشف جي ذريعي منهنجي مراد معلوم ڪري ورتي، ۽ فرمايائون: ”پهريائين نيت درست ڪر، پوءِ خلوت ۾ اچ.“ نادم ٿي پوئتي موٽيس. سيئي ڪتاب طالبن ۾ ورهائي ڇڏيم. ڇڙو هڪڙو جبو وجي بچايم، جو پاتل هو؛ باقي پيو ڪجهه به پاڻ وٽ نه رکيم. دل ۾ فيصلو ڪيم، ته هي خلوت‌خانو منهنجي قبر ۽ هي جبو منهنجو ڪفن آهي؛ هيئن ڪنهن به صورت ۾ ٻاهر نه نڪرندس. جيڪڏهن ڪڏهن ٻاهر نڪرڻ جو خيال آيو به ته ان جبي کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندس؛ ڇاڪاڻ جو عورت جي ستر جو ذريعو نه رهندو ۽ شرم ۽ حيا ٻاهر نڪرڻ نه ڏيندو. اها نيت وٺي شيخ جي خدمت ۾ پهتس. پريائين ڏسي فرمايائون: ”هينئر تنهنجي نيت درست آهي؛ اندر اچ، جو الهيءَ حال ۾ تنهنجو اچڻ، تنهنجي لاءِ مبارڪ آهي.“ شيخ اهڙو توجهه فرمايو، جو فتوحات باطني جا سمورا دروازا کلي پيا(١٥)

حضرت شيخ عمار سنه ٥٨٢هه (١١٨٦ع) ۾ انتقال ڪيو(١٦). شيخ نجم الدين ڪبريٰ، حضرت شيخ ابوالنجيب جي ٻي خليفي شيخ روزبهان مصري ڪان به فيض پرايو. جنهن جو وطن گازرون هو، پر رهندو مصر ۾ هو. هر وقت ، تنهن استغراق جو عالم طاري رهندو هو. جڏهن شيخ نجم الدين ڪبريٰ سندس خدمت ۾ پهتو، ته هو ڪانئس ايترو متاثر ٿيو، جو پنهنجو نياڻو ڪري، پنهنجو فرزند بنايائين. شيخ روزبهان سنه ٥٨٤هه (١١٨٨ع) ۾ فوت ٿيو ۽ مصر ۾ مدفون ٿيو(١٧).

حضرت شيخ نجم الدين خلافت جو خرقو، حضرت شيخ ابوالنجيب جي ٽئين خليفي شيخ اسماعيل قصري ڪان به حاصل ڪيو. جنهن سنه ٥٨٩هه (١١٥٣ع) ۾ انتقال فرمايو(١٨).

## روحاني منزل

حضرت مخدوم بلال جي باطني ڪمال بابت تحفةالڪرام جي صاحب لکيو آهي: ”رات جو پاڻيءَ سان ڀريل هڪ ڪونار ۾ ويهندو هو، ته ذڪر جي جوش ۽ حال جي غلبي ڪان پاڻي جانداهه وانگيان چڪر هڻڻ لڳندو هو. سوير صبح جو ٻاهر نڪري ويندو هو، ته به پاڻي چڪر ۽ جوش ۾ هوندو هو. جيستائين درياءَ ۾ هاريندا هئس، تيستائين بس نه ڪندو هو(١٩).“

سندس باطني ڪمال بابت ٻي به هڪ روايت آندي اٿس، جا ان ڪان اڳ ۾ معصومي جي صاحب به آندي آهي، لکي ٿو: ”هڪ ڀيري سلطان العارفين مخدوم لعل شهباز جي زيارت لاءِ ٺٽيءَ ڪان سيوهڻ وڃي رهيا هئا ۽ درياءَ ٽپڻ جي خيال ڪان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويٺا. ميربحر عادت موجب گارگند ۽ بيهودو بڪڻ شروع ڪيو ۽ ڪنهن جي به چوڻ سان بس نٿي ڪيائين. مخدوم صاحب پنهنجي ٽوپي ڪڍي ميربحر جي مٿي تي رکي ۽ هو هڪدم قال الله ۽ قال رسول الله ۾ مشغول ٿي ويو. جيستائين ٽوپي مٿي تي هيس، تيستائين اهو حال هوس. ٻيڙيءَ تان لهڻ ڪان پوءِ ٽوپي لاٿائونس ته وري اڳي وانگر بڪواس ۾ پئجي ويو. سڀئي ٻيڙيءَ وارا عجب ۾ هئا. بيشڪ اهي ئي بزرگ آهن، جي مٺل دلين کي جيئرو ڪن ٿا(٢٠).

ميران محمد جونپوري سنڌ ۾: سيد محمد المعروف به ميران محمد جونپوري سنه ٨٤٧هه (١٤٤٣ع) ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو سيد حسن هو. سندس نسب جو سلسلو امام موسيٰ ڪاظم سان ملي ٿو. وڏو عالم، فاضل ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. جونپور ڪان نڪتو ۽ مالوه، گجرات ۽ دکن مان ٿيندو مڪه معظمه ويو، جتي سنه ٩٠١هه (١٤٩٥ع) ۾ مهدويت جي دعويٰ ڪيائين. ان ڪان پوءِ مديني منوره وڃڻ ڪان سواءِ ئي موٽيو. وات تي ڪجهه ماڻهو سندس مريد ٿيا، جن مان ڪي ساڻس گڏجي هليا. موٽي اچي احمداباد ۾ رهيو ۽ وعظ ۽

نصيحت ذريعي ماڻهن ۾ روحانيت جي تبليغ ڪيائين. مهدويت جي دعويٰ سبب عالمن سندس سخت مخالفت ڪئي، جنهن ڪري گجرات جي حاڪم سلطان محمود ڪيس احمدآباد مان ڪڍارائي ڇڏيو.

اتان نڪري "سولہ تيج"، "نهروالہ پيران پٽن"، "ناگور"، "بوٽي" ۽ "جيسلمير" کان ٿيندو سنڌ ۾ داخل ٿيو. پهريائين نصرپور آيو، ۽ پوءِ ٺٽي ۾ اچي ارڙهن مهينا سلطان سامتيہ جي خانقاهہ ۾ رهيو. هتي بہ ساڳيو ئي وعظ ۽ نصيحت جو سلسلو جاري رکيائين. سنڌي زبان جو شاعر قاضي قاضن، مولوي مرزا شاهين بکري، شيخ صدرالدين، مولوي شيخ الياس، پير آسات، شيخ جهنڊو پاٽئي، قاضي شيخ محمد آچي جعفري، ميان ابوبڪر بکري، سنڌ جي حاڪم ڄام نندي جو وزير درياخان ۽ ٻيا ڪيترا عالم سندس مريد ٿيا (٢١).

مخدوم بلال سندس عقيدن جي ڪري سخت مخالفت ڪئي. سنڌ جي ٻين ڪيترن عالمن بہ سندس مخالفت ڪئي. انهيءَ ڪري حڪومت طرفان ڪيس سنڌ مان نڪري وڃڻ جو حڪم مليو. آخر ٿي سؤ سٺ ساٿين سان سنڌ مان نڪري قنڌار پهتو. جڏهن سنڌ مان لنگهي رهيو هو، ۽ پنهنجي مهدوي طريقي جي اشاعت بہ ڪندو ٿي ويو، تڏهن مخدوم بلال جي خليفي شاهہ حيدر سن واري جي طرفان سندس ڪلي مخالفت ٿي، جنهن ۾ چوٽ ۾ اچي ٿو، تہ مخدوم صاحب (ميران محمد جونپوري) جي رسد جي هڪ ٻيڙي بہ ٻڏي وئي (٢٢).

قنڌار ۾ بہ ميران محمد جونپوري جي مخالفت ٿي. البت شاهہ بيگ ارغون سندس معتقد ٿيو، جنهن پوءِ سنڌ تي حملو ڪيو ۽ مخدوم بلال ان جي سخت مخالفت ڪئي. آخر قنڌار مان بہ نڪرڻ تي مجبور ٿيو ۽ "فراهہ" شهر ۾ پهتو، جتي سن ٩١٠ ھ (١٥٠٤ع) ۾ وفات ڪيائين (٢٣).

سنڌ جي سياسي حالت ۽ ان سان مخدوم صاحب جو تعلق: شروع واري زماني ۾ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي (وفات ١٥٠٨ع) جي حڪومت هئي. ملڪ ۾ امن امان هو ۽ علم ۽ فضل جو دؤر دورو هو. سنڌ حڪومت جون حدون نهايت وسيع هيون. بلوچستان جو ڪجهہ حصو، ملتان ۽ بهاولپور جو ڪجهہ حصو، لس ٻيلو ۽ ڪڇ جو حصو سنڌ جي حڪومت ۾ شامل هئا (٢٤). سندس ڏينهن ۾ ٺٽي جي نئين سر تعمير ٿي، جتي ٿوري وقت ۾ پري پري جا ڪيترا عالم، درويش ۽ هنرن جا ماهر اچي گڏ ٿيا. انهيءَ ڪري ٺٽو تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز ٿي ويو. بغداد ۽ قرطبہ جي ڏِڪ ٿي ڏنائين. ٺٽي کان سواءِ بکر، روهڙي، نصرپور، مٽياري، دربيلو، پاٽ، باغبان، سيوهڻ ۽ ٻين پڻ علم، تهذيب، تمدن ۽ تجارت جا مرڪز هئا. سنڌ دهليءَ جي تسلط کان آزاد ۽ مڪمل خودمختيار هئي.

انهن ڏينهن ۾ رڳو هڪ دفعو شاهہ بيگ، قنڌار کان اچي اڪڙي، چانڊوڪيءَ ۽ سنويچيءَ ۾ ڦُر ڪئي، پر وريس ڪجهہ بہ ڪونہ. ڄام هڪ وڏو لشڪر فساد بند ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. سيويءَ وٽ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ شاهہ بيگ جو ڀاءُ قتل ٿي ويو ۽ ٻيا شڪست

مخدوم صاحب جن جي شهادت جو واقعو، حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي پوٽي ميان غلام رسول صديقيءَ جي لکيل ڪتاب ۾ پڻ ملي ٿو.

مقامي عوامي روايت موجب سندس شهادت جي فتويٰ هن طرح حاصل ڪئي ويئي.

حضرت مخدوم صاحب، موچيءَ کي جُتي ناهڻ ڏني هئي. حڪام طرفان لالچ ۽ رعب سان موچيءَ کي ان ڳالهہ تي آماده ڪيو ويو تہ هو قرآن شريف جي پَني تي لکيل هڪ آيت، جُتيءَ جي تَري جي وچ ۾ بند ڪري وجهي اها جُتي مخدوم صاحب کي ڏئي، ۽ قاضيءَ جي اچڻ تي ساک سان شاهدي ڏئي تہ مخدوم صاحب پاڻ اها آيت جُتيءَ جي تَري ۾ وجهڻ لاءِ چيو هو. جڏهن موچي جُتي ڪڍي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو، تڏهن مخدوم صاحب پنهنجي خادم کي چيو تہ جُتي وٺي وڃي مٿي جاري تي رک. ان ڪان پوءِ ڪچهريءَ سان هڪ ماڻهو، جو سرڪاري ڪامورو هو ۽ خاص مقصد سان اچي ڪچهريءَ ۾ وينو هو، مخدوم صاحب ڪان شرعي سوال پڇيو تہ: جو ماڻهو قرآن شريف جي آيت جُتيءَ جي تَري ۾ سبرائي، اُن جي شريعت موجب ڪهڙي سزا آهي؟ ان تي مخدوم صاحب وراڻيو تہ ان کي گهاڻي ۾ پيڙهايو وڃي. ان ڪان پوءِ اُن ڪاموري چيو تہ: اوهان پاڻ قرآن جي آيت جُتيءَ جي تَري ۾ سبرائي آهي. ثبوت لاءِ جُتي ۽ موچي شاهد آهن. وڏو گوڙ ٿيو. جُتي ۽ موچي قاضيءَ وٽ پيش ڪيا ويا. جُتي کولي، موچيءَ ڪان بيان وٺي، مخدوم صاحب کي گهاڻي ۾ پيڙهائڻ جي فتويٰ ڏني ويئي.

مخدوم صاحب جو مقبرو: مخدوم صاحب جي مقبري لڳ سنہ ١٣٥٦هہ (١٩٣٨ع) ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي محبوب خان وڳڻ هڪ لک روپين جي لاڳت سان عاليشان مسجد جوڙائي. هن وقت درگاهہ جي نگهباني شيخ پرڪڻ جي اولاد جي سپرد آهي، جيڪي پاڻ کي مَلڪ سڏائين ٿا; ۽ ڳوٺ پراڻي ديري جي ويجهو ڳوٺ غلام چانڊيي ۾ رهن ٿا. درياءَ جي اولهہ ۽ اوپر ۾ بہ شيخ پرڪڻ جي اولاد رهي ٿي، جيڪي پاڻ کي ”ڪيڙا“ سڏائين ٿا.

شخصيت ۽ ڪردار: مخدوم صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار بابت عوامي روايتن مان هيٺيون حقيقتون معلوم ٿين ٿيون:

”سندس چهرو رعبدار ۽ نوراني هوندو هو، جنهن مان نور پيو بکندو هو. سندس اکين مان بہ نور پيو جهلڪا ڏيندو هو. آخري عمر ۾ سفيد ريش هيس; ۽ مٿي جا وار ڊگها ۽ ڊهاتا هيس، جن ۾ اڇن وارن جو تعداد جهجهو هو. هٿن جون آڱريون ڊگهيون ۽ سنهيون هيس. رنگ ڪڻڪ ونو، زرديءَ مائل هوس. هميشه ٿلهو ڪپڙو اوڍيندو هو. پهرياڻ ڊگهو ۽ سلوار نيلي پهريندو هو. مٿي تي وڏي دستار هوندي هيس، جيڪا ڪڏهن ڪاري تہ ڪڏهن اڇي هوندي هئي. سرمون گهٽو پائيندو هو. گوشت گهٽ کائيندو هو، ۽ گوشت لاءِ چوندو هو: ”پنهنجي پيٽ کي ڍورن جو ڍيڙ نہ بڻايو.“ البت مڇي سندس پسنديده غذا هئي.

٤- موت اڻ ـ ٽر آهي ۽ حياتي فاني آهي. انسان، مهمان جي حيثيت ۾ هن جهان ۾ آيو آهي. جسم، تندرستي، دولت ۽ عزت عارضي آهن. اصل نعمت عملن سان حاصل ٿي سگهي ٿي، جيڪا آخرت ۾ ڪم ايندي.

٥- خدا جي ڪلام (قرآن مجيد) جي حفاظت اسان جو ايمان آهي.

## خليفا

ڪيترن ئي خدا جي ٻانهن ڪانئس فيض پرايو، ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس فيض مثل دليون جياري ڇڏيون. سندس عام مريدن ۽ معتقدن کان سواءِ سندس ڪيترائي نامور خليفا هئا، جن سنڌ کي سرسبز ۽ گلزار بڻائي ڇڏيو. انهن مان ڪن جو تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

### ١- سيد حيدر:

هي بزرگ سن جو رهاڪو هو، ۽ سن ۾ ئي ٩٣٧هه ۾ وفات ڪيائين، جتي سندس مزار تي مقبرو آهي. مير قانع جي قول موجب: سندس اولاد به بزرگيءَ سان موصوف ٿيندو آيو آهي (٣٤). سنڌ جو مشهور سياستدان محترم غلام مرتضيٰ شاهه صاحب (جي. ايم. سيد) سندس اولاد مان آهي ۽ گادي نشين آهي.

سيد صاحب مٽيارڪن ساداتن مان هو، جن مان سنڌ جو قومي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف به هو. مٽياري ساداتن جي ڇهن شاخن مان هڪ شاخ "مئين پوٽه" سان سندس نصب جو سلسلو ملي ٿو، جنهن تي اهو نالو سيد مئينڏني شاهه ولد سيد محمد جي نالي پئجي پيو.

سيد حيدر ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ مولانا عمر هليه ۽ مخدوم بلاول جي صحبت ۾ رهي، سندن تربيت جي نظر هيٺ وڏي مرتبي کي پهتو. تحفة الڪرام جي صاحب سندس روحاني ڪمالات متعلق لکيو آهي:

"هڪ ڏينهن ماڻهن جي انبوهه ۾ ويٺو هو. سڀني ماڻهن ڏانهن ڏسي چيائين ته مون وٽ خدا ڏانهن ايترا رستا آهن جو هنن ماڻهن مان هرهڪ کي جدا جدا رستي سان اصل مقصد ڏانهن پهچائي سگهان ٿو، جيئن ڪنهن کي به ٻئي جي خبر ڪانه پوندي" (٣٥).

### ٢- مخدوم ساهڙ لنگهار:

انڙپور جو ويٺل هو، جو ڄام انڙ جو آباد ڪيل هڪ ڳوٺ هو، جو پوءِ درياءَ پائي ويو. سدائين عبادت ۾ مشغول رهندو هو ۽ رات يا ڏينهن جي ڪابه گهڙي پروردگار جي ذڪر کان واندو نه رهندو هو. سندس مجلس ۾ دنيوي گفتگو ڪڏهن به نه هلندي هئي. جنهن تي به توجه جي نظر ڪندو هو ته ولايت جي درجي کي رسي ويندو هو. عادت موجب سوئرن جو هڪ ولر سندس ٻوڪ ۾ اچي نقصان ڪري ويندو هو. ڪڙمي وٽس دانهن ڪئي آيا، خادم کي چيائون: "سوئرن کي وڃي پيغام ڏي ته اسان جي ٻوڪ جي ويجهو نه اچو." انهيءَ

(٨) ايضا، ص ٤ کان ٨.
(٩) پيغام لطيف، ص ٨٢.
(١٠) مولانا دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٧٤ع، ص ٦٥.
(١١) محمد غوثي شطاري مانڊوي: گلزار ابرار، اردو ترجمو، فضل احمد جيوري، ٻيو ڇاپو، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور، ١٩٧٥ع، ص ٣٧٥.
(١٢) حامد جمالي: سير العارفين، اردو ترجمو: ڊاڪٽر محمد ايوب قادري، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، ١٩٧٦ع، ص ١٧٤.
(١٣) شيخ شهاب الدين سهروردي: عوارف المعارف، اردو ترجمو، مدينه پبلشنگ ڪمپني ڪراچي، مقدمه، ص ١٠٣.
(١٤) السبڪي: طبقات الڪبري، ج ٤، ص ٢٥٦؛ ابن خلڪان: وفيات الاعيان، ج ١، ص ٢٩٩؛ جامي: نفحات الانس، ص ٤٢٥ کان ٤٧٣؛ عزالدين محمود ڪاشاني: مصباح الهدايه، ص ٢٨.
(١٥) مولانا نوراحمد فريدي: سيرت بهاؤالدين زڪريا، ص ٣٨-٣٩.
(١٦) ايضا، ص ٣٩.
(١٧) ايضا.
(١٨) ايضا.
(١٩) تحفة الڪرام، ص ١٤؛ حديقة الاولياء: سيد عبدالقادر ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٧ع، ص ٧٩-٨٠، تحفة الطاهرين، ص ٣٠-٣١؛
(٢٠) تحفةالڪرام ص ١٤؛ تاريخ معصومي ص ٩٩؛ حديقة الاولياء ٨٠-٨١؛ تحفة الطاهرين ٣٠-٣١؛ مقالات الشعراء ١٩٥٧ع، ص ٩١.
(٢١) مولانا نجم الغني: مذاهب اسلام، ١٩٢٤ع، ص ٦٩٥ کان ٧٠٢؛ مير رحيمداد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، ص ٣٩٦.
(٢٢) پيغام لطيف، ص ٧.
(٢٣) مذاهب اسلام، ص ٦٩٥ کان ٧٠٢؛ تاريخ تمدن سنڌ، ص ٣٩٦.
(٢٤) تاريخ معصومي ص ٧٣؛ تاريخ طاهري ص ٤؛ تحفة الڪرام ص ٥٣.
(٢٥) معصومي ص ٧٥ ۽ ١٢، تحفة الڪرام ص ٥٣، طبقات اڪبري (ج ٣) ص ٥١٧، هن احوال ڪجهه ٻي طرح ذڪر آهي، پر علامه دائود پوٽي صاحب (تعليقات معصومي ص٣٠٢) تاريخ معصومي جي بيان کي صحيح ثابت ڪيو آهي.
(٢٦) تاريخ معصومي، ص ١١٢ کان ١١٦.
(٢٧) ايضا، ص ١١٦-١١٧.
(٢٨) ايضا، ص ١١٧.
(٢٩) ايضا.

(۳۰) ايضا.

(۳۱) ايضا.

(۳۲) پيغام لطيف، ص ۲۱.

(۳۳) مقالات الشعراء، ص ۹۲.

(۳۴) تحفة الڪرام، ص ۲۰۵.

(۳۵) ايضا، ص ۱۴۳.

(۳۶) ايضا.

(۳۷) ايضا، ص ۱۵۴.

(۳۸) ايضا.

(۳۹) پيغام لطيف، ص ۸۳.

(۴۰) ايضا.

(۴۱) ايضا.

(۴۲) ايضا.

(۴۳) ايضا، ص ۱۸۴.

(۴۴) ايضا، ص ۸۳، لطف اللطيف: مولانا دين محمد وفائي، ص ۱۱. ينهي صاحبن اهو احوال قاضي هدايت الله مشتاق متعلوي جي تحرير تان نقل ڪيو آهي.

(۴۵) پيغام لطيف، ص ۸۴.

(۴۶) ايضا، ص ۵۳.

(۴۷) تحفة الڪرام، ص ۲۱۸.

(۴۸) ايضا، ۱۵۲.

(۴۹) ايضا، ص ۱۵۳.



قريشي حامد علي "خانائي"

# ماموين جي قصي جو سنڌي ادب ۾ مقام

سنڌي ادب جي تاريخ جي مطالعي مان اها ڳالهه صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌي زبان جي اوائلي شعر جو ذخيرو اڪثر ڪري روايتي انداز ۾ ملي ٿو. ان قسم جو شعر گهڻي قدر "دوهن" ۽ "بيتن" جي صورت ۾ مليو آهي، جنهن کي هردؤر ۾ مختلف نمونن ۽ صورتن ۾ سنڌ جي ڪيترن گمنام شاعرن ڏانهن منسوب ٿئي ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سان سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ "سمن" جي دؤر ۾ "ستن درويشن" جا ست بيت ملن ٿا، جن کي "ماموئي جا بيت" ڪري سڏيو ويو آهي. اهي بيت پڻ روايتي نموني ۾ ملن ٿا، ۽ ڪابه پڪ ڪانه آهي ته اهي بيت ڪهڙن شاعرن جا آهن ۽ سندن نالا ڇا هئا؟ صرف اهي "ماموئي يا ساموئي" جي نامعلوم درويشن ڏانهن منسوب ڪيا ويا آهن. ماموين جي انهيءَ قصي کي جڏهن تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي ٿو، ته ان ۾ ڪافي کوٽ ۽ ميل مليل نظر اچي ٿو. ان قصي ۾ سواءِ ڏندڪٿا جي ٻي ڪابه تاريخي صداقت نظر ڪانه ٿي اچي. اسان هت سڀ کان پهرئين انهيءَ قصي جو تاريخي لحاظ کان جائزو وٺون ٿا ۽ ان جي ڏندڪٿا وارين روايتن جو پڻ تجزيو ڪنداسون ۽ پوءِ انهن بيتن جي ادبي پهلوءَ تي مختصر روشني وجهنداسون.

مامويني جي انهيءَ قصي جي نشاندهي سنڌ جي ڪنهن به آڳاٽي تاريخ يا تذڪري ۾ ڪنهن به مؤرخ نه ڪئي آهي. سڀ کان پهرين سنڌ جي انهيءَ قصي ڏانهن اشارو سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجي رسالي جي "سر مومل راڻي" ۾ ڪيو آهي. شاهه صاحب چوي ٿو:

ٻري ڪان پاسي ٿڪا، ماموين (۱) مثال (۲) (۳).

شاهه صاحب جي انهيءَ بيت ۾ "مامويـن" لفظ جي استعمال مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته شاهه ڀٽائي جي زماني ۾ شايد اهو قصو سنڌ جي قصي گو راوين وٽ مشهور هو. ليڪن سنڌ جي تاريخ نويسن ان کي غيراهم سمجهي، ڪنهن به تاريخ يا تذڪري ۾ ان جو ڪوبه ذڪر نه ڪيو آهي. ساڳئي وقت اهو به تعجب آهي ته شاهه ڀٽائيءَ جي دؤر جو مشهور مؤرخ ۽ تذڪره نگار مير علي شير "قانع" ٺٽوي پڻ ان قصي کي غيراهم ۽ ڏندڪٿا سمجهي، پنهنجي

صداقت کانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي. خبر نه آهي ته انهن عالمن وٽ پنهنجن انهن بيانن لاءِ سَنَد طور ڪهڙا تاريخي سول ۽ مدار هئا، جن جي آڌار تي انهيءَ قصي کي ان نموني ۾ ستن "مامونئي" يا "سامونئي" (۱۱) فقيرن ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي.

سڀ ڪان پهرئين اسان انهن مٿين ٽنهي بيان ڪيل قصن جي بيان جو تاريخي لحاظ کان جائزو وٺنداسون. انهيءَ سلسلي ۾ سرڪرده برٽن، ديوان ڏيارام گدومل ۽ پيرومل جي بيان ڪيل قصن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي اختلاف نظر اچي ٿو. خاص طرح سان برٽن صاحب پنهنجي قصي اندر جن ڳالهين، ماڻهن ۽ واقعن جو ذڪر ڪيو آهي، سي تاريخي اعتبار کان صحيح ثابت نٿا ٿين. ان ڪري سنڌس قصي جي تاريخي حيثيت تي پردو ڇانئجي وڃي ٿو. ساڳئي وقت برٽن صاحب ۽ ديوان ڏيارام جي ڪهاڻيءَ جو خاتمو پڻ لڳ ڀڳ هڪ جهڙو ٿئي ٿو، حاڪمن جي نالن ۽ وقت جي تعين جو اختلاف آهي. برٽن صاحب انهيءَ قصي کي "ڄام تماچي" سمي ثاني (۷٦۸هه-۱۳٦٦ع کان ۷۷۷هه-۱۳۷۵ع) جي دربار ۾ انهن فقيرن جي اچڻ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ديوان ڏيارام وري سنڌ جي هاڪاري حاڪم ڄام نظام (ننڊي) ۸٦۴هه-۹۱۴هه جي دربار ۾ انهن درويشن جي اچڻ جو احوال بيان ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سان انهيءَ قصي کي هرو ڀرو سمن حاڪمن جي نالن ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي.

برٽن صاحب جيئن ته هيءُ قصو ڄام تماچي ٻئي ڏانهن منسوب ڪيو آهي، ان لحاظ کان اهو به صحيح ثابت ڪونه ٿو ٿئي. ساڳئي وقت قصي جي منڍ ۾ شيخ بهاءُالدين ملتانيءَ جو نالو ڄاڻايو ويو آهي، سو پڻ سمن جي دور کان گهڻو اڳ ۾ سومرن جي صاحبيءَ ۾ ٿي گذريو آهي. غالباً اهو دور عمر سومري پهرئين جو هو. ازانسواءِ برٽن صاحب پنهنجي قصي ۾ "شيخ جيئي" جو ذڪر ڪندي هُن کي شيخ بهاءُالدين ملتانيءَ جو خليفو ڪري ڄاڻايو آهي. حالانڪ شيخ جيئو، شيخ بهاءُالدين ملتانيءَ جو خليفو نه، بلڪ هُن جي اولاد مان هو. (۱۲) مير علي شير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو ته، "شيخ جيئو، شيخ نعمت‌الله جو پٽ هو. (۱۳) وڏو ولي ڪامل، عارف ۽ ڪرامت جو صاحب هو. سنڌس خطاب "مڪليءَ جو ڏيو" آهي." (۱۴) مير "قانع" جي انهيءَ بيان مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته شيخ جيئو، شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتانيءَ جي پيڙهيءَ مان هو ۽ ساڳئي وقت سنڌس وفات جو جيڪو قصي ۾ واقعو بيان ڪيو ويو آهي، سو پڻ غلط ثابت ٿئي ٿو. (۱۵) انهن ڳالهين جي مدنظر اسان جو گمان غالب آهي ته انهيءَ قصي ۾ برٽن صاحب جي بيان ڪيل واقعي جو شيخ جيئي سان ڪو به تعلق نه آهي ۽ ساڳئي وقت ڄام تماچي ۷٦۸هه-۷۷۷هه سان پڻ ڪو تعلق نه آهي.

هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته "مامونئي" جو لفظ ڪيئن انهن درويشن سان ملايو ويو آهي ۽ ساڳئي وقت ان لفظ سان گڏ "سامونئي" جو لفظ پڻ شامل ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اٿين چئي سگهجي ٿو ته "مامونئي" جو لفظ "معمائي" جي بگڙيل صورت هجي ۽ پوءِ

غلط العام تـي ”ماموئي“ مروج تـي ويو هجي! قصي کي وڏيڪ تاريخي بنائڻ لاءِ ”ماموئي“ لفظ جو اضافو ان خيال سان ڪيو ويو هجي ته اهـي ست ٺي فقير سمن جـي ڳاڍيءَ جـي هنڌ ”ساموئي“ جا رهندڙ هئا! ليڪن اهي سڀ ڳالهيون پوءِ جي ماڻهن جون ملايل آهن ته جيئن انهيءَ ڏند ڪٿا کي وڌيڪ تاريخي اهميت حاصل ٿئي.

ديوان ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي بيان ڪيل قصي لاءِ ڪابه تاريخي سـنـد پيش ڪانه ڪئي آهي. ديوان صاحب سن ١٩١١ع ۾ سنڌ جو سير ڪندي بلڙي شاهه ڪريم ڏي ويو هو ۽ آن قصي جي باري ۾ آتان جون مقامي مروج روايتون ٻڌي سُڌي ڪٺي پنهنجي ڪتاب ۾ گڏ ڪيائين. ديوان صاحب سنڌ جـي انهيءَ قصي کي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ جـي دؤر ڏانهن منسوب ڪيو آهي. حالانڪ شاهه عبدالڪريم جو زمانو ٩٤٤هه - ١٥٣٧ع کان ١٠٣٢هه - ١٦٢١ع جو آهي. شاهه عبدالڪريم سنڌ جي سمي حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي (٨٦٤هه - ٩١٤ع) کان گهڻو پوءِ ٿي گذريو آهي. ساڳئي وقت بلڙيءَ جي قديم بستي، جنهن جي نسبت ديوان صاحب مائي بلڙي، ستن فقيرن جي فرضي ڀيڻ ڏانهن ڏيکاري ٿو، سا پڻ تاريخي لحاظ کان غلط آهي. ديوان صاحب انهن مٿين بيانن لاءِ ڪوبه مستند تاريخي حوالو ڪونه ڏنو آهي. ممڪن آهي ته اها به ڪا ڏند ڪٿا هجي! باقي سنڌ جي تاريخ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته بلڙي سنڌ جي هڪ قديم بستي آهي، جنهن جي نشاندهي ابن حوقل جي نقشي ”سنڌ ۽ گجرات“ ۾ ڪيل آهي (١٦). مائي بلڙي يا مائي مڪلي ستن فقيرن جون ڀينرون هجن ها ته ضرور سنڌ جا مؤرخ ۽ تاريخدان ان جو ذڪر پنهنجن تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ڪن ها! ان ڪري اسان ان راءِ جا آهيون ته هي ”ماموين“ جو قصو جڙتو ۽ من گهڙت آهي ۽ پوئين دؤر جي دماغن ۽ ذهنن جي پيداوار آهي.

ان کان پوءِ هت سنڌ جي عالمن ۽ محققن جا مختلف رايا، انهيءَ قصي جي باري ۾ پيش ڪيون ٿا. علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو قول آهي تـه اهو قصو سنڌ جي سمي حاڪم ڄام تماچي ٻئي جي دور ۾ ٿي گذريو آهي (١٧). مرحوم لطف الله بدوي وري ان قصي کي ڄـام نظام الدين جـي دور جـو قـصـو ڪري ڄاڻائي ٿو (١٨). سـيـد حسام الدين راشدي صاحب ”سنڌي ادب“ (اردو) ۾ لکي ٿو تـه ”ماموئي جا ست بيت معما آهن ۽ اهي ست درويش ساموئي (ٺٽي) جي قريب ٿي گذريا آهن ۽ انهن جي زماني جو ڪوبه تعين ٿي نه سگهيو آهي. ڄام نظام الدين (٨٦٤هه - ٩١٤هه) کان اڳ ٿي گذريا آهن“ (١٩).

انهن عالمن جـا رايا پڻ رچرڊ برٽن جي بيان ڪيل قصي تـي مدار رکن ٿا، جنهن جي بنياد تـي انهن عالمن پنهنجا مختلف شڪ سان ڀريل رايا بيان ڪيا آهن. خود سر رچرڊ برٽن ان باري ۾ پنهنجو رايو هن طرح سان ڏئي ٿو تـه ”تعجب آهي ته جڏهن انهن پيشنگوين جو ڄام تماچي يا سندس زماني سان ڪوبه تعلق نـه آهي، تڏهن انهن تي هروڀرو ويساهه ڪرڻ ضرور ڪينهي. پر ان ۾ شڪ نه آهي ته بيت پراڻا آهن“ (٢٠) (٢١).

انهن مٿين بيتن مان ٽئين نمبر درويش وارو بيت اڪثر سنڌ جي هندو طبقي ۾ گهڻو مروج هو ۽ اهو هندو ڏنڊڪٿا جي نشاندهي ڪري ٿو. ساڳئي طرح چوٿين درويش جو بيت صاف طرح سنڌ جي ڪلهوڙا خاندان جي پوئين زماني جي باهمي خانه جنگيءَ واري دور جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ سنڌ ۾ ٽالپرن جي آسرندڙ طاقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. پنجين درويش وارو بيت رچرڊ برٽن واري بيت جي، سواءِ وچين مصرع، باقي هوبهو ساڳيو آهي.(٣٣) هن بيت ۾ ”آترون“ لفظ جي بدران ”اوپارون“ لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. هن بيت ۾ صاف طرح سان ٽالپرن جي راڄ جي پڄاڻي ۽ انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ ساڳئي وقت بيت جي آخري مصرع ۾ سنڌ جي ٽالپرن ۽ پٺاڻن جي سياسي ڇڪتاڻ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح انهن متضاد راين ۽ نظرين جي مدنظر اسان انهيءَ راءِ جا آهيون ته اهي ماموين يا سامو ين جا بيت تاريخي لحاظ کان سومرن ۽ سمن جي دور سان ڪوبه تعلق ڪونه ٿا رکن، مگر اهي بيت پوئين دور جي پيداوار آهن. اهي بيت غالباً ڪلهوڙن جي آخري دور يا ٽالپرن ۽ انگريزن جي ڇڪتاڻ واري دور جي پيداوار آهن، مگر وقت جي سڄاڻ شاعرن وقتي مصلحت سببان انهن بيتن کي سنڌ جي سمن حاڪمن جي زماني سان منسوب ڪيو آهي. بهرحال انهن بيتن جي پيشنگوين سنڌ جي ماڻهن جي نفسيات تي گهرو اثر وڌو. اهڙي قسم جون خيالي ڏندڪٿائون دنيا جي هر ڪنهن ملڪ ۾ مروج هونديون آهن، جن جي پوئتان ڪو سياسي مقصد لڪل هوندو آهي.

## بيتن جو ادبي مقام:

جيئن ته شروع ۾ اسان اهو بيان ڪري آيا آهيون ته سمن جي دور وارو جيڪو به سنڌي ادب جو سرمايو مليو آهي، اهو گهڻي قدر روايتي انداز ۾ ملي ٿو. ان دور جي ادبي سرمايي جو نفس مضمون پڻ گهڻو ڪري وقت جي سورهيه ۽ بهادر حاڪمن جي بهادري، سخاوت ۽ محبت جي قصن ۽ داستانن تي ٻڌل آهي. انهيءَ قسم جي شاعريءَ کي ان دور ۾ سنڌ جي ڀٽن، ڀانن، ميراثين ۽ مڱڻهارن عام ٿانئين ڳائي وڄائي ٻڌايو ۽ اهي ئي اهڙي قسم جي ادب کي عام ڪرڻ جا مکيه ذريعا هئا. تاريخي لحاظ کان اها پڪ ڪانه ٿي پوي ته اهڙي قسم جو ادب ڪهڙي سمي حاڪم جي دور ۾ پيدا ٿيو ۽ ترقي ڪئي. باقي ايترو سو معلوم ٿئي ٿو ته اهڙي نموني وارو ادب قديم دور جي شاعرن ”ڳاهن“ ۽ ”بيتن“ جي صورت ۾ ماهي ان ۾ پختگي ۽ نغمگي پيدا ڪئي. ان ريت سنڌي زبان ۾ پهريائين ”قصي گوئي“ جي فن عروج حاصل ڪيو. سنڌ ۾ انهيءَ مٿين قصي ”ماموين“ ڏانهن منسوب ڪيل بيتن کي مروج ڪيو.

”ماموين“ يا ”ساموين“ جا بيت سنڌي ادب ۾ صرف روايتي ادب واري حيثيت رکن ٿا. دنيا جي اڪثر سڌريل ۽ متمدن ٻولين جي ادب جي شروعات سادي شعر يعني قصي گوئي جي

نموني ۾ ٿي آهي، جنهن کي جهنگلي شعر (Ballad) ڪري چوندا آهن. سنڌي ادب جي ابتدا واري شعر جي پڻ ساڳي حالت رهي آهي. انهيءَ قديم دور جو جيڪو ادبي سرمايو ملي ٿو، سو صرف روايتي آهي ۽ اهو گهڻي قدر ڏندڪٿائن، قصن ۽ ڪهاڻين جي دامن ۾ ملي ٿو.

ازانسواءِ اهو به مڃيو ويو آهي ته سنڌي بيت باقاعدي سمن جي دور کان شروع ٿيو. اهو سنڌي بيت "هندي دوهرن" جي سانچي ۾ آيو ۽ ترقي ڪندي بيت واري صورت تائين پهتو. هندي دوهي جو اثر سنڌ ۾ گجرات جي رستي پهتو. گجرات، سنڌ جو ڏنگئي ملڪ هو ۽ سنڌ جي سمن جا گجرات جي حاڪمن سان مٽي مائٽيءَ وارا ناتا هئا. "ڪبير پنٿي" تحريڪ جا پوئلڳ گجرات رستي سنڌ ۾ ايندا رهندا هئا، جن جي ذريعي "هندي دوهو" سنڌ ۾ پهتو.

پيرومل لکي ٿو ته سما گهراڻي جي حاڪم جام تماچي جي دور ۾ ستن فقيرن کي اڳڪٿيون شعر ۾ ڪيون هيون. سندن ڇهه بيت اڄ تائين موجود آهن. (٣٤) ساڳيو مصنف "ماموين" جي قصي کي مائي ٻَلڙي ۽ مائي مڪلي جي قصي سان گڏي شاهه عبدالڪريم جي دؤر ڏانهن ڪڍي ويو آهي. ساڳئي وقت وري سندس اهو به خيال آهي ته ان دور جو بيت هندي دوهرن جي صورت ۾ آهي. "دوهرو" معنيٰ ٻن سٽن وارو بيت. "ماموئي" فقيرن جا بيت "هندي دوهرن" واريءَ صورت ۾ آهن، مگر ڇهين نمبر واري فقير جي بيت ۾ ٽي مصراعون آهن، جنهنڪري ماترائن ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. دراصل دوهري جي هرهڪ مصرع ۾ چوويهه ماترائون هونديون آهن. پهرئين اڌ ۾ تيرهن ۽ پوئين اڌ ۾ يارهن هئڻ گهرجن.

ڇهين فقير جي ٽن مصراعن واري بيت کي ڏسي اهو گمان ڪيدي سگهجي ٿو ته اهو بيت سمن جي دور جو ٿي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته سمن واري دور ۾ سنڌي بيت اڃا انهيءَ دوهي واري سٽاءَ ۾ هو ۽ آهستي آهستي ان ۾ ادبي پختگي ۽ لچڪ پيدا ٿيندي رهي. شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ ۾ڻ اهڙا ٽن سٽن وارا ڪي بيت آهن، جن لاءِ پڻ علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو رايو آهي ته آهي بيت شاهه ڪريم جا نه آهن. قاضي قادن، شاهه ڪريم کان اڳ سنڌي زبان جو پهريون شاعر ٿي گذريو آهي. هن جو ڪلام تازو هندستان جي هڪ اديب "هيري ٺڪر" دهليءَ مان شايع ڪرايو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ ١١٢ بيت ڏنل آهن. سنڌ جي ڪن عالمن، محققن ۽ اديبن انهيءَ ڪتاب تي پنهنجا ڪافي رايا ۽ تبصرا لکيا آهن. ليڪن اسان انهيءَ راءِ جا آهيون ته قاضي قادن جا جيڪي ست بيت، جيڪي انهيءَ کان اڳ ۾ سنڌ ۾ مليا هئا، آهي هر لحاظ کان پڪا ۽ پختا آهن. باقي هيري ٺڪر جي ميڙ چونڊ قاضي قادن جهڙي جيّد عالم جي شان وٽان نه آهي. اسان جو انهيءَ نڪتي بيان ڪرڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته قاضي قادن جا ست بيت پڻ هندي دوهن واري سانچي ۾ آهن ۽ اهي سنڌي ادب جو بنياد آهن.

(١٢) شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتانيءَ جو اولاد سنڌ ۾ ديني تبليغ ۽ اشاعت لاءِ هن طرح سان اچي آباد ٿيو:

(الف) شاهه اسماعيل: هيءُ بزرگ مخدوم شهرالله ملتان جي سجاده نشين جو پٽ هو. هيءُ بزرگ سنڌ ۾ روحانيت جي تبليغ لاءِ ڳوٺ "نوتيار" تعلقي بدين ۾ اچي رهيو. سندس مقبرو نئن بارن جي ڪپ تي آهي.

(ب) شيخ صوبدار شاهه مست: هيءُ بزرگ ملتان وارن بزرگن مان وڏو درويش ۽ مست ٿي گذريو آهي. بدين تعلقي جي ڳوٺ "غوث پور" ۾ اچي رهيو. ان دور ۾ انهيءَ طرف سومرن جو ڏاڍو زور هو. ڪيترائي ماڻهو سندس فيض کان فيضياب ٿيا. سندس مقبرو به اتي ئي آهي. "ناڙاهي" ڪڇ طرف سندس اولاد وڃي آباد ٿيو.

(ج) شاهه عبدالله: شاهه عبدالله عرف ابن شاهه ڳوني تعلقي ۾ درياهه جي ڪپ تي آهي. وڏو روحاليت جو صاحب ٿي گذريو آهي. ابن شاهه جا ذڪر مشهور آهن.

(د) شاهه عبدالصمد ملتاني: هن بزرگ جو مقبرو ڳوٺ "ٻاول" تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ آهي.

(هه) شاهه جلال الدين ابن شاهه علاءُالدين ملتاني: هن بزرگ جو قبو مخدوم محمد حافظ شاهه جي نالي سان "نورائي" تعلقي حيدرآباد ۾ آهي.

(و) مخدوم فاضل شاهه ڪلان ملتاني: مخدوم عمادُالدين ملتاني سجاده نشين جو پٽ هو. "ٻُڪيرا" ۾ اچي رهيو. سنڌ وارن کي روحاني فيض سان مالامال ڪيائين. (الف- عبدالغني عبدالله: "تاريخ سنڌ" ٻاڳو ٽيون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سنڌ، ١٩٣٩ع، ص ١٩٥ کان ١٩٧، ب- مولائي شيدائي: جنت السنڌ، ص ٣٣٨-٣٩).

(١٣) شيخ نعمت الله، مير "قانع" جي قول موجب شيخ بهاءُالدين ملتانيءَ جي اولاد مان هو. هڪ وڏو بزرگ ۽ ولي ڪامل ٿي گذريو آهي (تحفةالڪرام، جلد ٣، ص ١١-٦١٠).

(١٤) ايضاً.

(١٥) سنڌ ۾ مخدوم شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتانيءَ جا هينيان خليفا ٿي گذريا آهن:

(الف) مخدوم عبدالله: جيسلمير جو هندو راجڪمار هو. غوث بهاءُالدين زڪريا ملتانيءَ جي هٿ تي بيعت ڪري مسلمان ٿيو هو. وڏو روحانيت جو صاحب هو. کيس پنهنجي شيخ کان "خلافت" مليل هئي. پاڻ پراڻن هالن ۾ اچي رهيو هو. هالن وارا پيٽي مخدوم سندس اولاد آهن.

(ب) مخدوم اسحاق پيٽي: پراڻن هالن جو رهاڪو هو. مخدوم عبدالله جي اولاد مان هو. مخدوم ميان احمد ۽ ميان محمد ناليرا بزرگ ۽ ولي ڪامل سندس فرزند هئا.

(ج) مخدوم محمد: مخدوم اسحاق جو فرزند هو ۽ ناليرو درويش ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. (عبدالغني عبدالله: "تاريخ سنڌ" ٻاڳو ٽيون، ص ٩٩-١٩٨)

(د) شيخ عيسيٰ: هيءُ بزرگ پڻ ملتاني پيرن جو خليفو هو. ڳوٺ "شيخ پور"، لنواريءَ جي ويجهو سندس مقبرو آهي. لاڙي زيارتي ملتان ويندي هن بزرگ جي زيارت ضرور ڪندا آهن.

(هه) مخدوم عبدالرحمان: هيءُ بزرگ شروع ۾ هندو هو. ملتان وارن بزرگن جي صحبت ۽ تبليغ ڪري مسلمان ٿيو هو. خلافت مليس. هن بزرگ کي "رام ڄاڳو" بہ ڪري چوندا آهن. سندس ميلو ساماري شهر ۾ لڳندو آهي. (جنت‌السنڌ، ص ٣٢٩-٣٣٨).

(١٦) مولائي شيدائي: "جنت‌السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٨ع، مُهڙ وارا ورق.

(١٧) لطف‌الله بدوي: (الف) "تذڪره لطفي"، جلد پهريون، ص ٥٢- (ب) جنت‌السنڌ، ص ٣٤٤.

(١٨) (الف) ايضاً. (ب) الوحيد سنڌ آزاد نمبر ١٩٣٩ع، ص ٨٩.

(١٩) سيد حسام‌الدين راشدي: "سنڌي ادب"، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي.

(٢٠) رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، ص ٨٢.

(٢١) تاريخي لحاظ کان ڄام تماچي بن خيرالدين سمن جو نائون نمبر حاڪم ٿي گذريو آهي ۽ اهوئي ڄام تماچي (ثاني) هو، جو لوري مهاڻيءَ تي عاشق ٿي ساڻس شادي ڪئي هئائين. ڄام نظام‌الدين پنهنجي سما خاندان جو سترهون حاڪم هو ۽ ڄام تماچيءَ کان گهڻو پوءِ ٿيو آهي. "ساموئي" يا "ساموئي" جي فقيرن جي قصي ناهيندڙ عروپرو سمن حاڪمن ڏانهن ان قصي کي منسوب ڪيو آهي.

(٢٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، ص ٩٧.

(٢٣) انهن بيتن جي پڙهڻي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي خيال سان قائم رکي آهي، پر اسان جي خيال ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري پڙهڻي اڃان بہ وڌيڪ درست ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

(٢٤) ايضاً، ص ٩٨-٩٧.

(٢٥) ايضاً، ص ٩٦.

(٢٦) رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، ص ٨٥.

(٢٧) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ص، ٩٩، ١٠٠.

(٢٨) ايضاً، ص ١٠٠.

(٢٩) ناشاد: "آئنا مينهن ملير"، ١٩٧٥ع، (مضمون) "ٿرپارڪر ضلعي ۾ سنڌ جا پراڻا وهڪرا، پڙا ۽ ڪنڊر"، ليکڪ: "معمور" يوسفاڻي، ص ١٣٥.

(٣٠) ايضا، ص ١٣٦.

(٣١) ايضا.

(٣٢) لطف‌الله بدوي: "تذڪره لطفي"، جلد پهريون، ص ٥٤.

(٣٣) رچرڊ برٽن: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون“، ص ٨٧.

(٣٤) ڀيرومل آڏواڻي: ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص٢١٢.

(٣٥) علامه دائود پوٽي مرحوم انهن بيتن کي سڀ ڀهريائين سر رچرڊ برٽن ۽ هيگ صاحب جي ڪتابن تان نقل ڪيا هئا. انهن بيتن کي ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ”شاھ جي رسالي“ جلد ٣ ۾ هوبهو ڏنا آهن. تعليم اخبار وارا بيت خبر نه آهي ته ڪٿان ڏنا ويا آهن. (تذڪره لطفي، جلد ٻهريون، ص ٥٣ ۽ ٥٤).



ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

# سنڌ ۾ عيسائيت جي تبليغ ۽ سنڌي علم ادب

## (قسط — ١)

[١٤- اپريل، ١٩٨٠ع بروز سومر سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئشن، گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي سهڪار سان آنجهاني ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو ڏينهن ملهايو. نامور پرڏيهي آنجهاني اديب ۽ عالم جي هن ورسي جي صدارت جڳ مشهور سنڌي سپوت جناب جي.الانا ڪئي. سنڌن فصيح ۽ معلوماتي صدارتي تقرير کان اڳ ترتيبوار منير چانڊئي، عنايت بلوچ ۽ راقم مقالا پڙهيا.

مون ڊاڪٽر ٽرمپ جي اوٽ وٺي ۽ خود ڊاڪٽر ٽرمپ کي خيال ۾ رکندي، هڪ اهم موضوع کي هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجي خيال ۾ اهو موضوع بنهه نئون ۽ الڳ آهي، جنهن تي هن کان اڳ سنڌي زبان ۾ اتي ۾ لوڻ برابر لکيو ويو آهي.

مجلسن ۽ مذاڪرن، ورسين ۽ ڪانفرنسن جي موقعن تي مقالي نويسن کي پنهنجي محنت کان وڌيڪ حاضرين جي موڊ کي به ذهن ۾ رکڻو پوي ٿو. اسان جي روايتن مطابق جيئن مقالي نويس کي موقعي کان اڳ مقالي لکڻ لاءِ مناسب وقت يا مهلت نه ڏني ويندي آهي، تيئن موقعي تي وري کيس تفصيل ۾ وڃڻ جي به اجازت نه ڏني ويندي آهي. مون انهن مجبورين کي ذهن ۾ رکي پنهنجو مقالو تيار ڪيو هو.

منهنجو مقالو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين حصي ۾ سڌو سنئون موضوع کي هٿ ۾ کنيو ويو [جو هتي قسط ۱ طور شايد ٿي رهيو آهي] ۽ جوئي رڳو ڊاڪٽر ٽرمپ جي ورسيءَ جي موقعي تي پڙهيو ويو. ٻيو حصو ”حوالن ۽ وضاحتن“ تي ٻڌل آهي. حقيقت ۾ هن ٻي حصي جون وضاحتون منهنجي نيت کان سواءِ تاريخ جي ڪن ڍڪيل ورقن تان پردو هٽائين ٿيون. انهيءَ ڪري وضاحتن کي ذهن ۾ رکڻ کان سواءِ هن مقالي سان ڪو به لاڀ پرائي نٿو سگهجي. مقالي جو ٽيون حصو ”ضميمن“ تي مشتمل آهي، ۽ اهي ضميما هن موضوع تي اضافي معلومات ڏين ٿا.

مقالو جيتوڻيڪ هن موضوع تي حرف آخر جي حيثيت نٿو رکي، ان هوندي بہ هن ڏس ۾ بنيادي معلومات ضرور پهچائي ٿو. موضوع کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هنن پهلوئن تي اجا وڌيڪ لکي سگهجي ٿو:

(١) سنڌ ۾ آيل مسيحي مبلغن جي سوانح، (٢) سنڌ ۾ مسيحي مرڪزن جو تفصيلي احوال. (٣) سنڌ ۾ مسيحي ادارن جو تفصيلي احوال. (٤) سنڌ جي غيرمبلغ عيسائين جو احوال. (٥) سنڌ جي مکيہ ديولن جو ذڪر. (٦) مسيحي ادب ۽ تحريڪ جو اسان جو علم ادب تي فڪري اثر. (٧) سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جو مسيحي تبليغ تي فڪري اثر.

بهرحال چند ڏينهن جي محنت هڪ بنيادي خاڪي جي صورت ۾ پڙهندڙن اڳيان حاضر آهي. - د. م. پ]

---

جيئن اڄ جي ڪيترن انسانن جا چپ سنڌواسين جي لياقتن ۽ صلاحيتن ڳائڻ يا ٻڌائڻ کان خاموش آهن، تيئن وري تاريخ جا ورق سنڌ ن ماضيءَ تان پردي هٽائڻ کان چپ آهن(١). انهيءَ ڪري ڪنهن بہ موضوع تي قلم کڻڻ آسمان مان تارا لاهي اچڻ جي برابر ٿئي ٿو. سنڌ ۾ عيسائيت جو آغاز ڪڏهن ٿيو؟ ۽ انهيءَ مذهب اسان جي علم ادب کي ڪيترو متاثر ڪيو؟ اهو موضوع تہ پنهنجي مٿي نهايت دلچسپ آهي، ليڪن تاريخ جي ٽٽل تار مان ڪنهن چٽي خاڪي جو پڪتارو نهي نٿو سگهي، جنهن کي هٿ ۾ کڻي ماضيءَ جو ڪو سندر گيت ڇيڙجي.

جيتريقدر مغربي قومن جو لاڳاپو آهي، انهن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سڪندراعظم اهو پهريون ڌورانهين ملڪ جو ماڻهو هو، جنهن عيسوي سن کان سوا ٽي سئو ورهيہ ڪن اڳ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهہ وقت لاءِ سنڌ يوناني گورنرن جي حڪومت هيٺ رهي ڪري سڌو سنئون مغرب جي اثر هيٺ آئي. سڪندراعظم لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو لس ٻيلي جي رستي کان واپس ويو هو ۽ هن جي بحري فوج ڪراچيءَ جي لڳ ڀڳ ڪجهہ وقت لاءِ ترسي هئي(٢). ڪيترن مورخن جو چوڻ آهي تہ سڪندراعظم جي فوج جو اڳواڻ نيرڪس (Nearchus) پندرهن ڏينهن منهوڙي جي ويجهو ترسيو هو، ۽ ٨- آڪٽوبر ٣٢٥ ق.م اتان روانو ٿي ويو هو(٣).

انهيءَ تاريخي واقعي کان وٺي ويندي عيسوي سن ٦٨ تائين تاريخ جا ورق بلڪل خاموش آهن، ۽ پوءِ الهن ئي ورقن ۾ اوچتو ئي اوچتو سينٽ ٿامس (St. Thomas) جو نالو اڀري اچي ٿو. اهو عيسائي پهريون حواري هو، جنهن جي تبليغ تي ٽڪسلا(٤) (TaxiLa) جي راجا گولڊيفيرس (Gondephares) عيسائي مذهب اختيار ڪيو(٥). جيئن تہ انهيءَ زماني ۾ ٽڪسلا بہ سنڌ مان مليل هئي، ان ڪري هن واقعي کي بہ سنڌ جو واقعو قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

تاراچند جو ڳوٺ، ڪاڇيلو ۽ سکر عيسائيت جي تبليغ جا مکيه مرڪز رهيا(٣٣). سنڌ ۾ عيسائي مبلغن کي پنجابي پنگين، ڀيلن ۽ ڪولين ۾ چڱي مقبوليت نصيب ٿي. ١٩٤٧ع جي انگن اکرن مطابق سنڌ ۾ رهندڙ ڪرستانن جي آبادي ويهه هزار هئي، جن ۾ گهڻائي انگريزن، مدراسين، گوانن ۽ پنجابين جي هئي(٣٤).

سنڌ ۾ عيسائي تبليغ جي انهيءَ پس منظر کي ذهن ۾ رکي آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اسان جي ٻولي ۽ علم ادب انهيءَ جو ڪيترو نه اثر قبول ڪيو هوندو. اسان جيڪڏهن عيسائي تبليغ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پاڻ ۾ لاڳاپي جو خاڪو چٽينداسين ته اهو اسان اڳيان ٻه روپ وٺي بيهندو. پهرين روپ ۾ اسان جي ٻولي ان کان متاثر ٿيل نظر ايندي، ۽ ٻئي روپ ۾ خود عيسائي مبلغ ۽ سندن تبليغ اسان جي علم ادب جي اثر هيٺ آيل نظر ايندا.

١٨٨٥ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ پهرين ميڪس ڊينسو هال لٽرري سوسائٽي (Max Denso Hall literary society) قائم ٿي ٿي ته ان جو پهريون صدر ٻمبرج (Bambridge) نالي هڪ پادري ٿي ٿو(٣٥)، ۽ ائين اسان جو سنڌي ادب پادرين جو اثر قبول ڪري ٿو.

سنڌ ۾ عيسائيت جي پرچار صحافت جي دنيا کي به بيحد متاثر ڪيو. ١٨٩٦ع کان شايع ٿيندڙ سندن ”جوت“ اخبار سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. ”گل قل“ ۽ ”دلبهار“ جهڙا ڪتاب اڳ ”جوت“ ۾ شايع ٿيل مضمونن ۽ ڪهاڻين تي مشتمل آهن.

سنڌ ۾ عيسائيت جي پرچار سنڌي ٻوليءَ ۾ ”فرقي پرست“ ادب جو به اضافو ڪيو. حقيقت ۾ مطالعي هيٺ آيل دور ۾ اسلام، عيسائيت ۽ هندو ڌرم جي وچ ۾ مذهبي ڇڪتاڻ انگريزي راڄ جي ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واري حڪمت عمليءَ جو نتيجو هئي. ليڪن سنڌ ۾ هن وبا کي پکيڙڻ ۾ عيسائيت جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. سنڌ جي مسلمانن تي پهريون مذهبي وار ”قرآن جو بنياد“ نالي هڪ ڪتاب هو، جنهن جي جواب ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ ١٩١١ع ۾ ”فتح محمدي“ ڪتاب لکيو.

عيسائيت جي تبليغ سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي ڪيترائي ليکڪ ۽ اديب ڏنا. انهن ۾ سنڌين مان پرمانند ميوارام(٣٧)، فادر ڪوتوائي(٣٨)، ۽ ٽي- ڪيمچند(٣٩) جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن سنڌي عيسائين سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي جا خدمت ڪئي آهي، انهيءَ کي ڪڏهن به نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. ساڳي نموني سان هن پرچار اسان کي اي- آر- ڪارسن (A. R. Carson)(٤٠)، پادري شرٽ، ۽ هسڪل (C. W. Haskell)(٤١) جهڙا غير سنڌي ليڪن سنڌي ٻوليءَ جا اديب به ڏنا.

سنڌي ٻولي ۽ علم ادب کي متاثر ڪندڙ عيسائي مبلغن جي ”سنڌ ڪرسچن لٽرري سوسائٽي“ (Sind christan literary society) کي به ڪڏهن نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. اهو بي محل نه ٿيندو، جيڪڏهن هن سوسائٽيءَ جو مختصر تعارف پيش ڪيو وڃي.

سنڌ ۾ اڳ ئي "چرچ مِشَن سوسائٽي" (Church mission society) ۽ زنانه مِشن سوسائٽي (Zanan missionary society) پنهنجو تبليغي ڪم ڪنديون هيون. انهن ٻنهي سوسائٽين ١٩٠٦ع ۾ "سنڌ ڪرسچن لٽرري سوسائٽي" قائم ڪئي، جنهن جي پهرين ورڪنگ ڪميٽي ڊبليو. جي. اَبيگئل (W. J. Abigail)، آءِ. اِي. ريڊمين (A. E. Redmen)، مس برينٽن ڪيري (Miss Brenton carey) ۽ مسٽر تلسيداس مَنسکاڻي (Tulsidas Manskhani) تي مشتمل هئي (٤١)

انهيءَ سوسائٽي ١٩١٠ع ۾ پنجاب جي رليجس سوسائٽي (Religious Society) سان الحاق ڪري، ان جي ذيلي جماعت جي حيثيت سان عيسائيت جي اشاعت جو ڪم جاري ڪيو. ١٩٢٥ع ۾ هن سوسائٽيءَ کي الڳ ۽ خودمختيار بنايو ويو. ان کان پوءِ ڪراچي هن سوسائٽيءَ جي مرڪز جي حيثيت رکندي هئي، ۽ ان جون شاخون سنڌ جي ٻين هنڌن تي به هيون (٤٢).

هونءَ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ "چرچ مِشنري سوسائٽي" به ڪجهه ڪتاب شايع ڪرايا، پر هيءَ سوسائٽي ته محض انهيءَ مقصد خاطر قائم ڪئي وئي هئي. غير عيسائي سنڌي ليکڪن مان مرزا قليچ بيگ هن سوسائٽيءَ سان ڪافي قلمي تعاون ڪيو. هن صاحب ١٩٢٣ع ۾ انجيل جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ ان کان پوءِ وقت بوقت سوسائٽيءَ لاءِ ڪتاب ترجمو ڪندو رهيو. عيسائي سنڌي ليکڪن مان يڪتائي ۽ چندوراءِ انهيءَ جا ليکڪ ۽ مترجم رهيا. اي. آر. ڪارمن ۽ هسڪل به هن سوسائٽيءَ لاءِ ڪتاب لکيا.

هن سوسائٽيءَ سنڌي ۾ اڻ ڳڻيا ڪتاب شايع ڪرايا. ڪتابن جي اشاعت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ١٩٢٤ع ۾ هن سوسائٽيءَ سنڌي ۽ گرمکي زبانن ١٦٩ ڪتاب شايع ڪرايا.

اُئين نه آهي ته رڳو عيسائيت جي تبليغ ئي اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي متاثر ڪيو آهي، ليڪن حقيقت هيءَ آهي ته خود اسان جو علم ادب به عيسائيت جي تبليغ ۽ انهيءَ جي مبلغن تي اثرانداز ٿيو آهي. اسان مثال طور ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (Dr. Ernest Trumpp) (٤٣) جو نالو "هڪ رانجهو لکان دي سٽ" مصداق پيش ڪري سگهون ٿا، جنهن کي پنهنجي مذهب جي تبليغ کان به وڌيڪ اسان جي علم ادب ايترو ته متاثر ڪيو جو هن لاکيڻي لطيف جي ڪلام کي ١٨٦٦ع ۾ پنهنجي محنت ۽ محبت سان سهڻي سينگاري شايع ڪرايو.

ڊاڪٽر ٽرمپ عيسائيت جي تبليغ ۽ "چرچ مِشَن سوسائٽي" (Church Mission society) جو اهو گل هو، جنهن سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي تاريخ واري چمن ۾ نه رڳو هڪ موزون جاءِ والاري، پر انهيءَ کي پنهنجو هڳاءُ به ڏنو. ڊاڪٽر ٽرمپ رشتي جي هڪ اهڙي ڪڙي بنيو جنهن سنڌ ۽ جرمنيءَ کي علمي ۽ ادبي نقطہ نگاهه کان هڪٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو. جيتوڻيڪ ڪائنس اڳ ١٨٤٢ع ۾ ڪئپٽن ليوپولڊ (Leopold von orleige) سنڌ ۾ آيو (٤٣). ليڪن ڊاڪٽر ٽرمپ جي آمد انهيءَ دور جي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ ربط پيدا ڪري ڇڏيو.

سندس سنڌي ٻولي ۽ علم ادب سان عشق هڪ افساني جي حقيقت بنائي ڇڏيو. هن نہ رڳو سنڌي ٻولي ۽ شاهہ کان متاثر ٿي کين مغرب ۾ مانوس ڪرايو، پر هو پنهنجي ملڪ جرمنيءَ کي بہ سنڌواسين سان مانوس ڪرائڻ جو باعث بڻيو. سنڌواسين ڊاڪٽر ٽرمپ جي سنڌي علم دوستيءَ جو اثر بہ علم دوستي ۽ ادب پروريءَ جي صورت ۾ ڏنو، ۽ جرمنيءَ جي مکيہ ليکڪن توڙي اديبن جا شاهڪار ۽ شهپارا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيا. ١٩١١ع ۾ مرزا قليچ بيگ جرمنيءَ جي مشهور اديب ڪرستاف وان شمت (٤٤)، جي هڪ ناول جو ترجمو ”ڪان جي ٽوڪري“ جي نالي سان ڪيو. ١٩٢٣ع ۾ وري جيٺمل پرسرام جڳ مشهور عالم ۽ اديب گوئٽي (٤٥) جي فائوسٽ (Foust) کي سنڌي ناٽڪ جو روپ ڀرايو. انهيءَ کان پوءِ ١٩٣١ع ۾ احمد غلام علي چاڳلا وري ڊرامو ”خوني“ ترجمو ڪيو، جيڪو اصل ۾ جرمنيءَ جي هڪ اديب رچرڊ ووس (Richard voss)(٤٦) جو لکيل هو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ (Sindhi Adabi Board) طرفان ”گريم جون آکاڻيون“ ڪتاب شايع ٿيو آهي، جيڪو جرمنيءَ جي ٻن ناميارن اديبن جيڪب (Jacob) ۽ وليم (William)(٤٧) جي محنت جو نتيجو آهي. انهيءَ کانسواءِ سنڌ توڙي هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جا عالم ۽ اديب، شاعر ۽ محقق جرمنيءَ جي معياري ادب جو اڄ بہ ترجمو ڪري رهيا آهن. مثال طور ١٩٦٨ع ۾، ناسور جرمن شاعر پروفيسر ڊاڪٽر گرڊ ليوبڪي ۽ سندس اهليہ محترمہ ارمگارڊ ليوبڪي گريف جا چند نظم، مسٽر ناشاد سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا، جي مهراڻ، روح رهاڻ ۽ نئين زندگيءَ ۾ شايع ٿيا هئا. ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڊاڪٽر غلام حيدر ٻُرڙي، جڳ مشهور جرمن مستشرق ڊاڪٽر انيميري شمل جي ڪن تحريرن جا سنڌي ترجما ڪيا آهن. جيئن تہ هي موضوع اسان جي بحث کان ٻاهر آهي، ان ڪري ان کي اوس ئي نظرانداز ڪرڻو پوي ٿو.

آخر ۾ مختصر طور تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ جيئن ڪرستاني مذهب جي تبليغ ٿي آهي، تيئن هتي سنڌي زبان ۾ ڪرستاني ادب جي اوسر بہ ٿي آهي. عيسائيت جتي اسان جي ٻولي ۽ علم ادب تي اثرانداز ٿي آهي، اتي انهيءَ کان پاڻ بہ متاثر ٿي آهي.

[باقي آئينده]

ٽڏڙيءَ جي ڏينهن هندو ساڌو-پانڌيبند ۽ دڪاندار، سواءِ عاملن ۽ برهمڻن جي، جوئا کيڏندا هئا. هن وڏي ڏينهن تي جوئا ڪرڻ نہ فقط جائز سمجهي ويندي هئي، پر ائين ڪرڻ هڪ پراڻي پَرَ ڪي پورو ڪرڻ سمجهيو ويندو هو. چون ٿا تہ پانڊون هن مهيني ۾ پنهنجن سؤٽن ڪورون سان جوئا کيڏي هئي. جنهن ۾ هنن پنهنجي سڄي ملڪيت، بلڪہ سلطنت بہ داءُ رکي هئي. ان بعد سندن ماتا ڪنتيءَ کين منا لولا پچائي ڏنا هئا، جي هو پاڻ سان کڻي ملڪ بدر ٿيا هئا، ڇو جو هنن جوئا هارائي هئي. بهرحال اها پراڻي پَرَ اڃا هندن ۾ هلندي اچي ۽ هن ڏڻ جي ملهائڻ ۾ هو ڏاڍي عقيدت ۽ جذبي جو مظاهرو ڪندا آهن.

هولي ۽ ٽڏڙي وغيره نہ فقط سنڌ ۾، پر سنڌ کان ٻاهر هندستان ۽ ٻين صوبن ۾ بہ ملهائيون وڃن ٿيون. پر حيدرآباد جي هندن جو هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ آهي، جو فقط هتي ملهايو ٿو وڃي، ان کي ”لال لوئي“ چون ٿا. هيءُ نج سنڌي ڏڻ آهي، جو حيدرآباد جا هندو ڏاڍي عقيدت سان ملهائيندا آهن. لال لوئي، سياري جي منڊ جي ٻچ ڙيءَ ڏاري، مانگهہ مهيني جي شروعات ۾ (يا پوهہ مهيني جي آخر ۾) ٿيندي آهي. لال لوئي رات جي وقت ٻاري ويندي آهي. ان لاءِ ٻاڙي جا نينگر، گهر گهر سان ڪاٺيون هٿ ڪري اچي گڏ ڪندا آهن، پوءِ ”لال لوئيءَ جي رات“ جو گهٽيءَ ۾، عموماً ڪنهن چوراهي تي، هڪ ننڍي ڪنڊ کوٽي، ان ۾ اهي ڪاٺيون وجهي، ٻاريندا آهن. بعد ۾ سيسا، يعني مٺائي ورهائي ويندي آهي. سيسا ۾ عموماً ريوڙيون، ڪنڊيگڙا، ناريل جي ڪتر وغيره ڏنا ويندا آهن. سرزي جي ڳالهہ اها آهي، جو هن ڏڻ جي اچڻ کان ڪهڙو اڳ ٻار سڙ سان گهٽين ۾ ”لال لوئيءَ جي ڪاٺي ڏيو“ چوندا، ڪلندا ڳائيندا ويندا آهن. ائين لال لوئيءَ جي ڏڻ جي اچڻ جي خوشيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن.

## دسهڙو ۽ ڏياري

هندن جي پوتر ڏينهن يا ڏڻن مان دسهڙو ۽ ڏياري، بہ اهڙا ڏڻ آهن، جن جو هڪٻئي سان گهاٽو سنبنڌ آهي. سمجهائيءَ طور ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ دسهڙو جنگنامو آهي ۽ ڏياري هڪ طربيہ ڊرامو آهي تہ صحيح آهي. هي ٻئي ڏينهن هندن جي مشهور ڌرمي ڪتاب رامائڻ جي سچتا ۾ ملهايا ويندا آهن.

رامائڻ جي مطابق، جڏهن سري رام چندر کي پنهنجي پتا جو چيو سچڻ ڪري، چوڏهن ورهين لاءِ بنواس پوگڻو پيو ۽ پاڻ ۽ سندس ڀاءُ لڇمڻ ۽ ماتا سيتا (رامچندر جي پتني) جهنگل ۾ رهڻ تي مجبور ڪيا ويا هئا، تڏهن هڪ ڀيرو وجهہ وٺي، لنڪا جو راجا راوڻ، بن ۾ آيو هو ۽ ڪنهن حيلي سان، سري رامچندر جي غير حاضريءَ ۾ سندس ڌرم پتنيءَ کي زوري کڻي ويو هو.

ان بعد سري رامچندر جي هن راجا راوڻ سان لڙائي لڳي هئي، جنهن ۾ راوڻ مارجي ٿو. اها مشهور لڙائي ۽ راوڻ جو موت، دسهڙي جي تقريب ۾ ملهايو وڃي ٿو. وري

نفيس احمد شيخ (رپورٽ خصوصي)

# نئشنل بوڪ سيمينار ـــ حيدرآباد

گذريل ٢٦-٢٧ مئي ١٩٨١ع تي، حيدرآباد ۾ ”قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ڪتابن ۽ ادب جي مسئلن“ تي هڪ قومي سيمينار ٿي گذريو، جنهن جو اهتمام نئشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان، سنڌي ادبي بورڊ جي تعاون سان ڪيو هو.

علائقائي ٻولين ۾ ڪتابن، مصنفن، ڪتب فروشن ۽ ناشرن جي مسئلن متعلق مذڪور سيمينار ڪوٺائڻ جي تجويز گذريل ٻن سالن کان نيشنل بوڪ ڪائونسل جي ويچار هيٺ هئي. پر ڪائونسل جي متعدد ميٽنگن ۾ هر ڀيري ان کي ملتوي ڪيو ويندو هو. جناب غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڪائونسل جي ان پاليسيءَ تي احتجاج ڪيو ۽ ڪائونسل جي نئين چيئرمن جناب عبدالعلي خان، سيڪريٽري وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان کي گذارش ڪئي ته سيمينار فوراً ڪرايو وڃي ۽ حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو وڃي. جناب غلام رباني ڪائونسل کي يقين ڏياريو ته حيدرآباد ۾ سيمينار ڪوٺائڻ ۾ ڪائونسل کي ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان ڪم ۾ ڪائونسل سان مڪمل تعاون ڪندو.

ڪائونسل مسئلي جو مفصل جائزو وٺڻ بعد حيدرآباد ۾ سيمينار ڪوٺائڻ جي تجويز قبول ڪئي ۽ فيصلو ڪيو ته سيمينار ۾ علائقائي زبانن سان گڏ قومي زبان ۾ ڪتابن جي مسئلن جو پڻ جائزو ورتو ويندو ۽ ڪانفرنس کي فقط زبان ۽ ادب جي چوند ماهرن تائين محدود رکيو ويندو، ۽ ان جي اجلاسن کي پبلڪ ميٽنگن يا عام جلسن جي شڪل نه ڏني ويندي. ڪائونسل وضاحت ڪئي ته هر زبان مان ٻه يا ٽي ماهر سيمينار ۾ مدعو ڪيا ويندا، پر درسي ڪتابن ۽ ٻين اهڙن فني عنوانن لاءِ ڪي خاص ماهر پڻ ڪائونسل جي اجازت سان مدعو ڪري سگهبا.

سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب سيمينار جو جنرل پريزيڊنٽ، نئشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان جو قائم مقام ڊائريڪٽر جنرل جناب ابراهيم سعد سيمينار جو ٽيڪنيڪل ڊائريڪٽر، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري جناب غلام رباني آگرو سيمينار جو سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيا ويا.

ڪائونسل جي انهن فيصلن جي روشنيءَ ۾، مئي جي آخر ۾ حيدرآباد ۾ سيمينار ڪوٺايو ويو. ان جي انتظام ۾ جناب غلام ربانيءَ جي گذارش تي حيدرآباد جي ڊويزنل

"برصغير ۾ مسلمانن جو تعليمي سرشتو هڪ ڪنڊ ڪان ٻيءَ ڪنڊ تائين ساڳيو هو. اسان جا وڏا اول قرآن ڪريم پڙهندا هئا ۽ پوءِ گلستان، بوستان ۽ سڪندرنامه سکندا هئا. ان قسم جي تعليمي نظام برصغير اندر علم، ادب ۽ ثقافت جي هڪجهڙائي پيدا ڪئي هئي؛ پر اها ڳالهه مقامي تهذيب، ڪلچر، فڪر ۽ فلسفي جي فروغ ۾ ڪنهن به طرح رڪاوٽ ثابت نه ٿي. آن جو ثبوت سنڌ ۾ اسان کي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ واضح طور نظر اچي ٿو. انهيءَ ڳالهه کي خيال ۾ رکبو ته قبول ڪرڻو پوندو ته تعليمي سرشتي جي هڪجهڙائي ڪنهن به طرح ڪنهن زبان يا ادب جي خلاف ڪونه آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪنهن به زبان ۾ جيڪو ادب تخليق ڪيو وڃي، آهو اعليٰ ۽ دائمي قدرن جو حامل هجي. ساڳئي وقت عوام‌الناس، توڙي نئين نسل لاءِ جيڪي ڪتاب لکيا وڃن، سي حقائق تي مبني هجن ۽ انهن ۾ گهٽي ڪان گهٽي معلومات ڏني وڃي ته جيئن اسان جا ٻار وڏا ٿي، موجوده چٽاڀيٽين واري ماحول ۾ دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌي سگهن. مان سمجهان ٿو ته اسان جي اديبن ۽ عالمن تي تمام وڏي جوابداري عائد ٿئي ٿي ته هو اسان جي عوام جي رهبريءَ لاءِ سچ، سونهن ۽ نيڪيءَ جي معيارن تي سٺا لکيل ڪتاب پڙهندڙن کي پيش ڪن ۽ ان ڳالهه جي خاطري ڪن ته اسان جو ادب، اسان جي قومي نظريي يعني اسلامي تعليم ۽ اسلامي ضابطءِ اخلاق جو آئينه دار آهي.

"مسٽر غلام رباني، مسٽر ابراهيم سعد ۽ مس شيويليٽ پنهنجين تقريرن ۾ سٺن ڪتابن جي فروغ لاءِ قابل قدر تجويزون ڏنيون آهن، جيڪي تعليم، علم ۽ ادب جي دائرن ۾ قومي پاليسيون وضع ڪرڻ جي ڏس ۾ حڪومت لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿينديون. مون کي اميد آهي ۽ مان دعا ٿو ڪريان ته عالمن، اديبن ۽ ڪتابن جي ماهرن جو هي سيمينار هر طرح سان ڪامياب ثابت ٿيندو."

ڪراچيءَ ۾ يونيسڪو جي ريجنل آفيس جي ڊائريڪٽر مسز مينمَس شيويليٽ (Maenmas Chavalit) پنهنجي تقرير ۾ چيو ته نئشنل بوڪ ڪائونسل لاءِ اهو بيحد ضروري هو، جو هڙو اهم سيمينار ڪوٺائي. محترمه خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۾ ڪتابي ترقيءَ لاءِ حقيقت پسندانه ۽ جامع پاليسي ۽ قابل عمل عملي رٿا موجود آهي. هن مسرت سان بيان ڪيو ته ڪتابي ترويج لاءِ سيمينار ۾ پيش ٿيندڙ موضوعات قومي زبان سان گڏوگڏ علائقائي زبان تي به مشتمل آهن.

مس شيويليٽ نئشنل بڪ ڪائونسل ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي ساراهيو ۽ چيو ته هي ٻئي ادارا پاڪستان ۾ علم ۽ ادب جي ميدان ۾ قابل تعريف خدمت سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

ڪردار ڪي بيان ڪري، پاڪستان ۾ لڪنڊڙن جي مقام جو تذڪرو ڪيو. هن ٻڌايو ته اسان جي ملڪ ۾ لڪنڊڙن ڪي نه صرف پنهنجي ذهني پورهئي جو خاطرخواهه اجورو ميسر نه آهي، پر ان سان گڏ هُنن کي اشاعتي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. محترمه، ان ڏس ۾ ڪي ڪارگر تجويزون پيش ڪيون. سندس پيپر جي ڪيترن ئي نقطن تي سرگرميءَ سان بحث ٿيو ۽ متعدد سفارشون مرتب ڪيون ويون.

ان کان پوءِ جناب شيخ نيازاحمد، چيئرمن پاڪستان پبلشرس اينڊ بوڪ سيلرس ائسوسيئيشن لاهور، "پاڪستان ۾ اشاعتي ڪم ڪار" جي موضوع تي پنهنجو پيپر پڙهيو. شيخ صاحب، ناشرن جي ڪردار کي بيان ڪري ٻڌايو ته اسان جي ملڪ ۾ اڃا تائين اشاعتي ۽ طباعتي ڪم ڪار جي پسماندگيءَ جا سبب ڪهڙا آهن؟ هُن صاحب، ان ڏس ۾ سرڪار جي سرپرستيءَ جي ضرورت تي زور ڏنو، جيئن ڪتب سازيءَ لاءِ گهربل خام مال جي آسانيءَ سان فراهميءَ وسيلي گهٽ قيمت وارا ڪتاب تيار ڪري سگهجن. هن حڪومت کي گذارش ڪئي ته ڪاغذ، طباعتي مشنري ۽ پرزه جات تان درآمدي محصول معاف ڪيو وڃي.

ٽيون پيپر "پاڪستان ۾ تقسيم ڪتب" جي موضوع تي جناب شمس قريشيءَ پڙهيو. هن صاحب ٻڌايو ته نامناسب حالات جي باوجود اسان وٽ جامع رٿائن ۽ بهتر طريقه ڪار وسيلي ڪتابي وڪري ۾ واڌاري جا امڪان موجود آهن. هن صاحب تقسيم ڪتب جي سلسلي ۾ هڪ "مرڪزي جامع هول سيل رٿا" ۽ اشاعتي ڪم ڪار جي باضابطه اطلاعاتي سروس جي ضرورت تي زور ڏنو.

ان کان پوءِ "علائقائي زبانن ۾ ادب ۽ ڪتابن جي مسئلن" تي ڏهه پيپر پڙهيا ويا. جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا، جناب پُردل خان خٽڪ، جناب سبط الحسن ضيغم ۽ جناب عزيز بُگٽي، ترتيب وار سنڌي، پشتو، پنجابي ۽ بلوچي زبانن ۾ ڪتابي مسئلن تي وضاحت سان روشني وڌي. اهو پهريون موقعو هو، جو علائقائي زبانن ۾ ڪتابي دنيا جي مشڪلاتن جو تفصيلي تذڪرو ٿيو ۽ الهن بابت پوري سنجيدگيءَ ۽ جامعيت سان خيالن جي ڏي وٺ کان پوءِ بنيادي ۽ مکيه سفارشون مرتب ڪيون ويون. جناب صابر آفاقي ۽ جناب عثمان علي، ڪشمير ۽ گلگت جي زبانن جي حوالي سان ادب، ٻولي ۽ ڪتابي مسئلن جي آپتار ڪئي.

جناب غلام رباني آگرو، جناب محمد نواز طائر، جناب حفيظ تائب ۽ جناب عزيز بُگٽي، سنڌي، پشتو، پنجابي ۽ بلوچي زبانن جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾ تمام ٺوس ۽ مثبت آپائن بابت جامع گفتگو ڪئي. پيپرس پڙهندي خيالن جي ڏي وٺ دوران، بعض اوقات تمام دلچسپ ۽ گرما گرم بحث مباحثا رهيا. ڪيتريون ئي مفيد سفارشون تيار ڪيون ويون، جن مان هڪ اهم سفارش اها به هئي ته "پرائمري سطح تي تعليم ڏيڻ جو ذريعو مادري زبان ۾ هئڻ گهرجي." جناب پروفيسر ابوالخير ڪشفي جي پيپر جو عنوان هو: "اردو—هڪ مشترڪ ثقافتي ورثو ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ آن جو تعارف." جناب خاطر غزنوي، قومي زبان

٧- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ شايع ٿيندڙ رسالن کي سرڪاري اشتهار ڏنا وڃن.

٨- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ شايع ٿيندڙ بهترين ڪتابن تي انعامن ڏيڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

٩- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ملڪ ۾ ۽ خاص طرح سان سرحد ۽ بلوچستان ۾، جتي ان ڳالهه جي وڏي ضرورت آهي، نئين جديد پرنٽنگ پريسن جي قيام جي حوصله افزائي ڪئي وڃي.

١٠- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته هر صوبي ۾ ڪاغذ جا وڏيڪ ڪارخانا لڳايا وڃن، جيئن ننهي جي مقامي ضرورت جو خاطرخواهه پورائو ٿي سگهي.

١١- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته سڀني صوبن ۾ لڪندڙن، ايڊيٽرن ۽ نصابي ڪتابن جي چترڪارن لاءِ اسپيشل ڪورس ۽ ورڪشاپ قائم ڪيا وڃن.

١٢- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته قومي استحڪام ۾ اضافي خاطر قومي ۽ علائقائي زبانن درميان ترجمن جي ڪم جي حوصله افزائي ڪئي وڃي.

١٣- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته هر سال، واري سان، مختلف گاديءَ وارن شهرن ۾، مقامي طرح سان، انگريزي، اردو ۽ علائقائي زبانن ۾ ڇپيل ڪتابن جو هڪ "قومي ڪتاب ميلو" منعقد ڪيو وڃي.

١٤- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته "قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ادب ۽ ڪتابن جا مسئلا" جي موضوع تي قومي سيمينار کي دائمي حيثيت ڏني وڃي، جيڪو واري سان، هر سال، صوبائي گاديءَ وارن شهرن ۽ اترين علائقن ۾ منعقد ڪيو وڃي.

١٥- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ماهنامه "ڪتاب" ۾، هر مهيني، ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڇپجندڙ سمورن ڪتابن جي لسٽ، انگريزيءَ سان گڏوگڏ قومي ۽ علاقائي زبانن ۾ به باقاعده شايع ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ سفارش ڪجي ٿي ته ڪائونسل طرفان صوبائي گاديءَ وارن شهرن ۾ پنهنجا رپورٽر مقرر ڪيا وڃن، جيئن ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڇپجندڙ نون ڪتابن جي ڄاڻ ڪان هيڊآفيس واقف ٿي سگهي.

١٦- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته ماهنامه "ڪتاب" جي جنوري ٨٢ع واري پرچي ۾، هلندڙ سال [١٩٨١ع] دوران ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ شايع ٿيل سمورن ڪتابن جي مڪمل لسٽ شايع ڪئي وڃي.

١٧- اجلاس سفارش ٿو ڪري ته اديبن ۽ شاعرن جي بين‌الصوبائي دورن جو اهتمام ڪيو وڃي.

١٨- اجلاس شدت سان محسوس ڪري ٿو ته قومي ۽ علائقائي زبانن ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻي ادب جي ڪتابن جو معيار تمام افسوسناڪ آهي، تنهنڪري پرزور سفارش ڪجي ٿي ته ان

ميمڻ صاحب، حيدرآباد ۾ اهڙي اهم سيمينار ۽ نمائش جي انعقاد تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي، ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان پهتل مندوبين کي خوش آمديد چيو ۽ نهايت موثر نموني ۾ معاشري جي اصلاح ۾ اديب ۽ دانشور جي ڪردار جي اهميت تي ڳالهايو. سندس دولايز شخصيت جي شگفته مزاجي، آدرياءُ ۽ خلوص مندوبين کي نهايت متاثر ڪيو.

ان کان پوءِ ڪمشنر صاحب نمائش جو افتتاح ڪري، ڪتابن جو معائنو ڪيو. سنڌ ميوزيم جي طويل ورانڊن ۾ حد نظر تائين سجايل اسٽالن تي مختلف موضوعن تي تمام قيمتي ڪتابن جو ذخيرو موجود هو. انهيءَ نمائش ۾ ملڪ جي نامور ادارن حصو ورتو هو ۽ خاص ڪري علائقائي ٻولين جي علمي ادارن، سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، شاهه ولي الله اڪيڊمي، پشتو اڪيڊمي، بلوچي اڪيڊمي، پنجابي اڪيڊمي جا شايع ڪيل ڪتاب پڻ ناظرين جي دلچسپي ۽ توجهه جو مرڪز هئا.

## سير و تفريح

٢٨- مئي تي، صبح جو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي دعوت تي جڏهن مندوبين سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس پهتا، ته سنڌالاجيءَ جي پروفيسر انچارج، جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب مهمانن جي آجيان ڪئي. ان موقعي تي الانا صاحب مهمانن کي اداري جا مختلف شعبا ڏيکاريا ۽ ڪم ڪار کان واقف ڪيو. مندوبين سنڌالاجيءَ جي ڪم کي ڏسي بيحد متاثر ٿيا ۽ سنڌي ثقافت بابت قيمتي ڄاڻ حاصل ڪيائون.

سيمينار جي پڄاڻيءَ کان پوءِ جمع ٢٩- مئي، خاص طرح سير تفريح (Sight - Seeing) لاءِ مڪلي ۽ ٺٽي جو پروگرام رکيل هو. مندوبين حيدرآباد مان رواني ٿيڻ کان پوءِ ڪينجهر ڍنڍ تي ڪجهه دير تفريح لاءِ ترسيا، جتي ٺٽي جي اسسٽنٽ ڪمشنر پير ضياءالحق سهروردي ۽ محڪمه آثار قديمه جي مسٽر شرافت علي خان آجيان ڪئي. ڪينجهر جي تاريخي پس منظر ۾ هنن ڪجهه دير لاءِ ريسٽ هائوس ۾ هڪ مختصر پر سٺي علمي ۽ ادبي مجلس ڪئي، جنهن جو اختتام سنڌ جي ثنا ۽ سنڌ کي دعائن سان ٿيو.

ٺٽي جي تاريخي شهر ۾ اول شاهجهاني مسجد ۽ ملحق آثار ڏٺائون ۽ ان کان پوءِ مڪليءَ تي دولهه دريا خان ۽ ڄام نظام الدين جي آخري آرامگاهن کان وٺي مغليه مقبرن جو معائنو ڪيائون.

منجهند جي مانيءَ جو بندوبست ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽي طرفان رکيل هو. سرڪٽ هائوس ۾ ڪائونسل جي چيئرمن رئيس محمد موسيٰ خان چانڊيي، مندوبين جي آجيان ڪئي. لنچ کان پوءِ موڪلائڻ مهل چانڊيه صاحب، سنڌ جي روايت موجب، سڀني مندوبين کي سنڌي ڪلچر جي نشان اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا، جنهن جو مهمانن دل جي گهراين مان شڪريو ادا ڪيو. ان کان پوءِ مندوبين پنهنجن ماڳن تي پهچڻ لاءِ ڪراچي روانا ٿي ويا.

* * *

نفيس احمد شيخ (تفصيلي جائزو)

# پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس

۲۸—۲۹ ڊسمبر ۱۹۸۱ع تي اسلام آباد ۾ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جي ڪوشش سان، گذريل سال وانگر، هڪ عظيم الشان ”پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس“ منعقد ٿي، جنهن جو افتتاح صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق ڪرڻ فرمايو.

ڪانفرنس ۾ ملڪ جي چئني صوبن کان علاوه آزاد ڪشمير ۽ اترين علائقن جي ليکڪن به شرڪت ڪئي، جن جو مجموعي تعداد پنج سؤ کان به مٿي هو.

سنڌي زبان جي ليکڪن مان علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، جناب غلام رباني، جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا، جناب تنوير عباسي، جناب علي احمد بروهي، جناب محمد حسين پنهور، جناب پروفيسر محمد اسحاق ابڙو، جناب نياز همايوني، جناب ڊاڪٽر عطا محمد حامي، جناب اياز حسين قادري، جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جناب مرزا اسد بيگ، جناب قاضي خادم، جناب قربان علي بگٽي، جناب بشير احمد شاد، جناب اسدالله ڀٽو، جناب ڪئپٽن محمد يوسف، جناب عبدالخالق بلوچ، محترمه خيرالنساء جعفري ۽ بنده راقم کي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڪوٺ ڏني وئي هئي. قاسمي صاحب، رباني صاحب، الانا صاحب ۽ جعفري صاحبه ڪن سببن ڪري شريڪ ٿي نه سگهيا هئا. مقامي مندوبين مان جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب امر جليل ۽ ڊاڪٽر غلام حيدر ڀرڙو شريڪ ٿيا.

اسلام آباد پهچڻ تي، جناب مسيح الدين احمد صديقي ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس ۽ سندس رفيقن مهمانن جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ کين اسلام آباد هوٽل ۽ هاليڊي-اِن هوٽل ۾ پهچايو، جتي سندن قيام جو انتظام هو.

۲۸-ڊسمبر ۱۹۸۱ع صبح جو ۱۱ بجي، قومي اسيمبليءَ جي تاريخي هال ۾ صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق ڪانفرنس جي افتتاح لاءِ تشريف فرما ٿيو. وفاقي وزير تعليم جناب محمد علي خان آف هوتي، اڪيڊمي آف ليٽرس جو چيئرمن ميجر جنرل (رٽائرڊ) شفيق الرحمان ۽ اڪيڊميءَ جو ڊائريڪٽر جنرل جناب مسيح الدين احمد صديقي مائڪس گڏ هئا.

اول قاري عبيدالرحمان ڪلام مجيد مان ان آيت جي تلاوت ڪئي، جا سڀ کان پهرين نازل ٿي هئي: ”اقرا باسم ربک...“ ان کان پوءِ سيد ناصر جهان روح پرور آواز ۾ نعت خواني ڪئي.



صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق، ٢٨-ڊسمبر ١٩٨١ع تي قومي اسيمبلي هال اسلام آباد ۾،
پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي.

وفاقي وزير تعليم، جناب محمد علي خان آف هوتي خطبہ استقباليہ ۾ جناب صدر ۽ مندوبين کي خوش آمديد چوندي، ڪانفرنس جو مقصد بيان ڪندي ٻڌايو تہ:

"...ملڪي سطح تي، هر سال، پاڪستاني لکندڙن جي اجتماع جو اهتمام ڪنهن روايت جي خانہ پُري ناهي، پر لکندڙن جي وچ ۾ وقت جي اهم ادبي ۽ فڪري مسئلن تي بحث و تمحيص، افهام و تفهيم ۽ باهمي مفاهمت جي ضرورت کي پورو ڪرڻ جي هڪ مخلصانہ ڪوشش آهي. اڄ تائين اڪيڊمي پاران منعقد ڪيل ڪانفرنسن ۾ فرسوده موضوعن بجاءِ اهڙن مسئلن بابت لکندڙن جو توجهہ ڇڪايو ويو آهي ۽ خيالن جي اظهار جو موقعو ڏنو ويو آهي، جن جي مقصديت ۽ افاديت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. ان قسم جا اجتماع پاڪستاني تشخص جي خدوخال کي نمايان ڪرڻ ۾ معاون ثابت ٿي رهيا آهن..."

وزير موصوف انهن سفارشن جي منظوريءَ جو پڻ تفصيلي تذڪرو ڪيو، جيڪي گذريل سال ڪانفرنس جي موقعي تي صدر مملڪت طرفان جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سربراهيءَ ۾ قائم ڪيل اديبن جي بهبود ۽ ادبي مسئلن کي حل ڪرڻ واري ڪميٽيءَ مرتب ڪيون هيون.

وزير موصوف صدر صاحب کي اهو پڻ ٻڌايو تہ سندن هدايت موجب، اڪيڊميءَ جو ترقياتي منصوبو پڻ تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انتظامي عمارت ۽ آڊيٽوريم کان علاوه اديبن لاءِ هڪ هاسٽل جي تعمير پڻ شامل آهي. وزير صاحب، هجري انعامن جي اجراء جو پڻ ذڪر ڪيو.

اڪيڊميءَ جي ڪارڪردگيءَ جا تفصيل ٻڌائيندي وزير موصوف، صدر صاحب کان تقاضا ڪئي تہ قابل قدر ڪتابن ۽ ادبي رسالن جي خريداري، ملڪ جي هر مڪيہ لئبريريءَ لاءِ لازمي قرار ڏني وڃي، جيئن علمي ۽ ادبي سرگرمين کي فروغ حاصل ٿئي.

ان کان پوءِ صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق ڪانفرنس کي خطاب ڪيو. پنهنجي افتتاحي خطبي ۾ موصوف فرمايو تہ:

"... توهان کي معلوم آهي تہ مان اديب ناهيان، شاعر ناهيان، نقاد ناهيان، حتاڪ 'دانشور' بہ ناهيان. مان تہ هن ملڪ جو هڪ شهري آهيان، ان جو هڪ سپاهي آهيان ۽ ادب جو هڪ پڙهندڙ آهيان. پوءِ بہ توهان ۽ مون ۾ ڪيتريون ڳالهيون مشترڪ نظر اچن ٿيون. اوهان مان جيڪي افسانہ نگار، ناول نويس يا ڊرامہ نويس آهن، آهي "ڪردار" پيدا ڪن ٿا، ۽ ڪردارن جي وسيلي ئي پنهنجي پلاٽ کي اڳتي وڌائين ٿا ۽ پنهنجي تخليق کي ڪامياب بنائين ٿا. مان بہ قوم ۾ "ڪردار" جي ضرورت تي زور ڏيئي رهيو آهيان ۽ ڪردار جي وسيلي ئي تعمير پاڪستان جي مهم کي ڪامياب بنائڻ چاهيان ٿو..."



**الازهر:** اسلام جي عظيم نظام ۾ علم هڪ محترڪ قوت آهي ۽ مسلم معاشري ۾ تعليم کي هميشه مرڪزي اهميت حاصل رهي آهي. هيءَ آهي دنيا جي مشهور اسلامي يونيورسٽي الازهر. صدين کان وٺي ’الازهر‘ مان اسلامي علمن: دينيات، عربي زبان، طب، سائنسي علم ۽ فن تعمير ۾ سوين هزارين ڊگريون ڏنيون وڃن ٿيون.